REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 11 فيبروري 2024 ع بمطابق 30 رجب المرجب 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 257

چونڊون کٽڻ ۽ هارائڻ جو مقابلو نه پر عوامي مينڊيٽ جو تعين ڪرڻ جي مشق آهي: آرمي چيف

عوام جي ووٽ لاءِ آزادانه شرڪت جمهوريت لاءِ سندن عزم جو ثبوت آهي، ڏکين حالتن باوجود چونڊن لاءِ محفوظ ماحول پيدا ڪرڻ تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا وڌيڪ واکاڻ جا حقدار آهن

چونڊون ۽ جمهوريت پاڪستان جي عوام جي خدمت جو ذريعو آهن، اليڪشن کٽڻ ۽ هارائڻ ڪو مقابلو نه پر عوامي مينڊيٽ جو تعين ڪرڻ جي مشق آهي

جمهوري قوتن جي نمائنده حڪومت ملڪ جي سياست کي قومي مقصد سان گڏ بهتر نمونو پيش ڪندي، پاڪستان جي عوام آئين تي گڏيل اعتماد جو اظهار ڪيو آهي

سياسي پارٽين کي گهرجي ته هو سياسي پختگي ۽ اتحاد سان گڏ قوم جي اعتماد جو جواب ڏين، 25 ڪروڙ آبادي واري ترقي پسند ملڪ لاءِ انتشار مناسب ناهي

خواهش آهي ته چونڊون سياسي ۽ معاشي استحڪام آڻينديون، دعا آهي ته هي اليڪشن پاڪستان ۾ امن ۽ خوشحالي آڻي: آءِ ايس پي آر پاران جاري ڪيل بيان

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف پرامن ۽ ڪامياب چونڊون ٿيڻ تي قوم کي واڌايون ڏنيون آهن. جنرل عاصم منير چيو آهي ته چونڊون کٽڻ ۽ هارائڻ جو مقابلو نه پر عوامي مينڊيٽ جو تعين ڪرڻ جي مشق آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، آرمي چيف اليڪشن ۾ کٽيندڙ اميدوارن کي به مبارڪون ڏنيون آهن. آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي ته عوام جي ووٽ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مرڪز، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پ پ کانسواءِ حڪومت نه ٺهندي: بلاول ڀٽو

ملڪ ۾ سياسي استحڪام چاهيون ٿا، پهرين مڪمل نتيجا سامهون اچن ان کانپوءِ سينٽرل ايگزيڪيٽو ڪميٽي جو اجلاس سڏائي اتفاق راءِ سان فيصلو ڪنداسين

فلحال ڪنهن به فيصلي جو اعلان ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه آهيان، جيڪو ٿيڻو هو ٿي چڪو، ملڪ جي مفاد ۾ آهي ته سياسي طور اتفاق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون

اڪيلو حڪومت نه ٺاهي سگهنداسين، پر وفاق، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ پ پ کانسواءِ حڪومت نٿي ٺهي سگهي، آزاد اميدوار ڪهڙو فيصلو ڪن ٿا، ان تي به عوام جي نظر آهي

سياسي عدم استحڪام جي حل کانسواءِ ٺهندڙ حڪومت عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، اسان اسپتال، اسڪول، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت قائم ڪيا

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تي يقين رکان ٿو، بلوچستان ۾ گڏيل حڪومت ٺاهڻي پوندي، ڪوشش ڪري پهرين 3 مهينن ۾ اين آءِ سي وي ڊي جو يونٽ کوليندس

اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا جنهن ۾ سياستدان هڪٻئي جي عزت ڪن، لاهور جي تڪ تي رات تائين اسان کٽي رهيا هئاسين، صبح جو خبر پئي ته اسان هارائي چڪا آهيون

لاهور(م ڊ) پ پ چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مرڪز، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ پ پ کانسواءِ حڪومت نٿي ٺهي سگهي. هڪ بيان ۾ پ پ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام چاهيون ٿا، پهرين مڪمل نتيجا سامهون اچن ان کانپوءِ سينٽرل ايگزيڪيٽو ڪميٽي جو اجلاس سڏائي اتفاق راءِ سان فيصلو ڪنداسين. فلحال ڪنهن به فيصلي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان عام چونڊن بابت پرڏيهي خدشن کي رد ڪري ڇڏيو

عام چونڊن تي مختلف ملڪن ۽ تنظيمن طرفان بيان ڏنا ويا، حيران آهيون ته بيانن ۾ ناڪاري تاثر ڏنو پيو وڃي: پرڏيهي ترجمان

هي بيان ان ترديد نه ٿيڻ جوڳي حقيقت کي نظرانداز ڪري رهيا آهن ته پاڪستان ۾ چونڊون پرامن ۽ ڪاميابيءَ سان ڪرايون ويون

چونڊن دوران پاڪستان سنگين سڪيورٽي خطرن کي منهن ڏنو آهي، ڪجهه بيان حقيقت تي ٻڌل به نه هئا

اسلام آباد(م ڊ) پاڪستان عام چونڊن بابت پرڏيهي خدشن کي رد ڪري ڇڏيو پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته عام چونڊن تي مختلف ملڪن ۽ تنظيمن طرفان بيان ڏنا ويا، هو حيران آهن ته بيانن ۾ ناڪاري تاثر ڏنو پيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اليڪشن مينيجمينٽ سسٽم چونڊن واري ڏينهن درست ڪم نه ڪيو: دولت مشترڪ جا مبصر

ڪجهه اميدوارن ۽ ميڊيا جي نمائندن تي تشدد جا اطلاع به مليا آهن، ووٽن جي ٽرن آئوٽ ۾ اضافو نظر آيو

اسان جي نمائندن مختلف شهرن ۾ وڃي چونڊن جو مشاهدو ڪيو، اليڪشن ڪميشن جي ڪارڪردگي واکاڻ جوڳي رهي

فائينل رپورٽ ۾ پولنگ ۽ ٻين معاملن بابت شڪايتن جو ذڪر به ڪنداسين: عام چونڊن تي تبصرو

ڪراچي (م ڊ) دولت مشترڪ جي مبصرن پاڪستان ۾ ٿيل عام چونڊن تي تبصرو ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: دولت مشترڪ جا مبصر پريس ڪانفرنس ڪندي

آزاد اميدوار ارسلان خالد پاران خالد
مقبول صديقي جي ڪاميابي سنڌ
هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

ڪراچي (رپورٽر) متحدا قومي موومينٽ پاڪستان جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي جي چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

چونڊن دوران شفافيت پولنگ اسٽيشنز تائين محدود رهي: فافن جي رپورٽ

آر اوز جي آفيسن ۾ چونڊن جي شفافيت تي سمجهوتو ڪيو ويو، نتيجن جي اعلان ۾ دير سبب ساک تي سوال اٿي رهيا آهن

ووٽن جو ٽرن آئوٽ 48 ڏهائي 2 سيڪڙو رهيو، 25 تڪن ۾ رد ڪيل ووٽن جو مارجن کٽڻ واري مارجن کان وڌيڪ هو

چونڊن سان ملڪ ۾ بي يقيني جو دور ختم ٿي ويو، ملڪ جي 130 تڪن ۾ آر اوز پاران مبصرن کي مشاهدو ڪرڻ نه ڏنو ويو

ڪراچي (رپورٽر) فافن پاڪستان ۾ عام چونڊن جي مشاهدي تي ٻڌل رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته چونڊن دوران شفافيت پولنگ اسٽيشنز تائين محدود رهي. آر اوز جي آفيسن ۾ چونڊن جي شفافيت تي سمجهوتو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسان جي ترجيح پي ٽي آءِ کانسواءِ ٻيا آزاد اميدوار هوندا: ناصر شاهه

سنڌ ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪنهن جي ضرورت نه پوندي، ٻين پارٽين جي مينڊيٽ جو احترام ڪيون ٿا

اڪثريت باوجود حڪومت سازي تي ٻين جماعتن سان ڳالهائينداسين، اسان کي به فارم 45 دير سان مليا جنهن تي ڳڻتي آهي

اسان جي ترجيح پي ٽي آءِ کانسواءِ ٻيا آزاد اميدوار هوندا، بئريسٽر گوهر سان به ڳالهه ٻولهه ٿيندي، اهي به هڪ جماعت آهن

سکر(م ڊ) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ناصر شاهه چيو آهي ته اسان جي ترجيح پي ٽي آءِ کانسواءِ ٻيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14



ناصر شاهه (فائل فوٽو)

پنجاب اسيمبلي جي 296 مان 295
سيٽن جا نتيجا پڌرا، نواز ليگ 144
سيٽون کٽي ميدان ماري ورتو

لاهور (م ڊ) پنجاب اسيمبلي جي 296 مان 295 سيٽن جا نتيجا اچي چڪا آهن ن ليگ پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ جو خيبرپختونخوا ۾ حڪومت سازي لاءِ جماعت اسلامي سان رابطو

حڪومت سازي لاءِ ڪي پي ۾ آزاد ميمبرن جي جماعت اسلامي سان ڳالهه ٻول ٿي آهي: ذريعا

جماعت اسلامي پشاور جي امير بحر الله خان ايڊووڪيٽ پاران رابطن جي تصديق

پشاور(م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته آزاد اميدوارن جي ڪاميابي کانپوءِ بئريسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

غزه تي اسرائيلي فوج جا حملا جاري، گذريل 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 107 فلسطيني شهيد

7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين شهيد فلسطينين جو انگ 28 هزار تائين پهچي ويو، 67 هزار کان وڌيڪ زخمي ٿيا

خان يونس ۾ النصر اسپتال تي حملا جاري آهن جڏهن ته يهودي فوج وچ غزه ۾ اسڪول تي بمباري پڻ ڪئي: عرب ميڊيا

جنگي جنون ۾ مبتلا اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو يهودي فوج کان رفح تي حملي جو منصوبو گهري ورتو

غزه (م ڊ) غزه تي اسرائيلي فوج جا حملا جاري آهن. گذريل 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 107 فلسطيني شهيد ٿي ويا جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا. عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته 7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين شهيد فلسطينين جو انگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بلوچستان ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج، اهم شاهراهون بند

ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر جي آفيس ٻاهران ٻئي ڏينهن به سياسي پارٽين جي ڪارڪنن جو احتجاج جاري

احتجاجي مظاهري ۾ جمعيت علماءِ اسلام، نيشنل پارٽي، هزار ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ ٻين سياسي پارٽين جا اميدوار ۽ ڪارڪن شامل

ڪيچ ۽ گوادر ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن جي آفيس اڳيان مظاهرو ڪيو ويو، احتجاج سبب اهم شاهراهون بند ٿي ويون

ڪوئيٽا (م ڊ) ڪوئيٽا سميت بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور چونڊ نتيجن ۾ ڦيرڦار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪوئيٽا: مختلف پارٽين جا ڪارڪن چونڊ نتيجن ۾ ڦير ڦار خلاف احتجاج ڪندي

133 سيٽن جا نتيجا مڪمل، ڪي پي
ڪي ۾ آزاد اميدوارن 91 سيٽون کٽي
ورتيون، جي يو آءِ 8 سيٽون کنيون

پشاور(م ڊ) خيبرپختونخواهه اسيمبلي جي سيٽن 133 سيٽن جا نتيجا مڪمل ٿيا ويا. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري (فائل فوٽو)

عمران خان ۽ شاهه محمود قريشيءَ جي 12 ڪيسن ۾ ضمانت منظور

دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج ملڪ اعجاز آصف پاران 9 مئي وارن ڪيسن جي ٻڌڻي

پي ٽي آءِ جي وڪيل ضمانت جي درخواست ڪئي، پراسيڪيوشن طرفان مهلت جي استدعا رد

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊيءَ جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت نوَ مئي واقعن ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ شاهه محمود قريشيءَ جي ٻارنهن ڪيسن ۾ ضمانت منظور ڪري ورتي. عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي خلاف نوَ مئي وارن واقعن بابت ڪيسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ياسمين راشد، نواز شريف جي ڪاميابي کي چئلينج ڪري ڇڏيو

وڪيل اشتياق چوڌري لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي

نواز شريف فارم 45 موجب اليڪشن هارائي چڪو آهي: درخواست ۾ موقف

لاهور(م ڊ) قومي اسيمبليءَ جي تڪ اين اي 130 لاهور تان مسلم ليگ نون جي قائد نواز شريف جي ڪاميابي کي چئلينج ڪيو ويو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته آزاد اميدوار ڊاڪٽر ياسمين راشد جي وڪيل اشتياق چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اڳوڻو ايم اين اي محسن داوڙ

اتر وزيرستان ۾ فائرنگ سبب محسن داوڙ زخمي

هن پنهنجي ساٿين سان گڏ چونڊ نتيجن ۾ دير تي ڪينٽ اڏو احتجاج ڪيو

محسن داوڙ جي حالت خطري کان ٻاهر آهي، ميران شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

ميران شاهه (م ڊ) اتر وزيرستان واري علائقي ميران شاهه ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ نيشنل ڊيموڪريٽڪ سربراهه ۽ اڳوڻو ايم اين اي محسن داوڙ زخمي ٿي پيو آهي. محسن داوڙ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 140 تان اميدوار آهي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

9 مئي سانحو، اڳوڻو گهرو وزير شيخ رشيد آزاد

ڪيس جي ٻڌڻي راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج ڪئي

شيخ رشيد جي وڪيلن طرفان ڏنل ضمانت جي درخواست منظور ڪئي وئي

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد کي نوَ مئي وارن واقعن جي سلسلي ۾ آزاد ڪري ڇڏيو. شيخ رشيد خلاف نوَ مئي واري ڏينهن پيچ ڊاهه بابت ڪيس جي ٻڌڻي راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حليم عادل شيخ چونڊ نتيجن کي عدالت ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

متحده اميدوار صادق افتخار جي ڪاميابي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا

فارم 45 موجب 71 هزار کان وڌيڪ ووٽ کنيا آهن: درخواست ۾ استدعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي قومي تڪ اين اي 238 مليرتان هارايل پي ٽي آءِ جي حمايت يافته اميدوار حليم عادل شيخ چونڊ نتيجن کي سنڌ هاءِ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عتيق احمد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

خواجا آصف جي ڪاميابي خلاف ريحانا ڊار جو عدالت سان رابطو

خواجا آصف ڳٽ جوڙ ڪري فارم 47 ۾ پاڻ کي فاتح قرار ڏنو

عدالت کان فارم 45 موجب نتيجا جاري ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي

لاهور(م ڊ) اين اي 71 تان آزاد اميدوار ريحانا ڊار عام چونڊن ۾ نون ليگ جي اڳواڻ خواجا آصف جي ڪاميابي کي عدالت ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو. عثمان ڊار جي ماءُ اين اي 71 سيالڪوٽ تان نون ليگ اڳواڻ خواجا آصف جي ڪاميابي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اليڪشن ڪميشن سنڌ جي سيڪيورٽي وڌائي وئي

آفيس جي مين گيٽ تي ڪنڊيدار تارون به لڳايون ويون

ايس ايس پي ڏکڻ آفيس جو دورو ڪري سيڪيورٽي جو جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اليڪشن ڪميشن سنڌ جي آفيس ٻاهران سيڪيورٽي وڌائي وئي آهي. اليڪشن ڪميشن جي آفيس ٻاهران پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته واٽر ڪينن به موجود آهن. چونڊ نتيجا جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پي ٽي آءِ جو وفاق، پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ حڪومت ٺاهڻ جو اعلان

فارم 45 موجب پي ٽي آءِ کي 170 سيٽن تي سرسي حاصل آهي: بئريسٽر گوهر

پنجاب ۾ به تحريڪ انصاف حڪومت ٺاهيندي، ڪي پي جي 44 مان 39 اسان کٽيون آهن

جن 50 سيڪڙو سيٽون به نه کٽيون اهي چون پيا اسان حڪومت ٺاهينداسين، عوام دل کولي ووٽ ڏنو آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر

اسلام آباد(م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف قومي اسيمبلي جون 170 سيٽون کٽڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ اسيمبلي جي 130 تڪن مان 84 تي
پيپلزپارٽي ڪامياب، ايم ڪيوايم 28 ۽
آزاد اميدوار 14 سيٽون کٽي ويا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي 130 تڪن مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

50 سيٽن وارو فتح جو اعلان ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟: عمران خان

وفاق، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ حڪومت ٺاهينداسين، قوم سان جيڪو ٿي رهيو ان کان وڌيڪ نه ٿيڻ گهرجي

جن تڪن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا آهن اتي اميدوار اڄ پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائين جو ته جمهوري عمل ۾ ووٽ جي عزت آهي

اسان جي معيشت تباهه ٿي چڪي آهي، سياسي عدم استحڪام نه هجڻ گهرجي، پاڪستان کي بند گهٽي ۾ نه ڌڪيو وڃي

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان پنهنجي وڪيلن ذريعي پيغام ڏنو آهي ته وفاق، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ حڪومت ٺاهينداسين، قوم سان جيڪو ٿي رهيو ان کان وڌيڪ نه ٿيڻ گهرجي، جن تڪن ۾ نتيجا تبديل ڪيا ويا اتان جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عام چونڊن جي نتيجن موجب اتحادي حڪومت ٺهندي نظر اچي رهي آهي: نگران وزيراعظم

جيڪا ڊرسادي اڪثريت ظاهر ڪندي حڪومت ٺاهيندي، پارليامينٽ کي فيصلو ڪرڻو آهي ته حڪومت ڪنهن کي ڏيڻي آهي

حڪومت جي بنيادي ذميواري عوام جو تحفظ ۽ سلامتي آهي، دهشتگردي جي ڪارروائي روڪڻ جو اثرائتو طريقو مواصلاتي ذريعن جي بندش آهي

عوام پاران غيرمعمولي حالتن ۾ وڏي انگ ۾ چونڊ عمل ۾ حصو وٺڻ مضبوط جمهوريت جي عڪاسي آهي: پرڏيهي خبرو ادارن سان ڳالهيون

نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ

اسلام آباد(م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته پارليامينٽ کي فيصلو ڪرڻو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پريزائيڊنگ آفيسرن فارم 45 ناهي ڏنو
اين اي 119 تان مريم نواز جي ڪاميابي
به لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

لاهور(م ڊ) ن ليگ ۽ چيف آرگنائزر مريم نواز جي اين اي 119 تان ڪاميابي کي چئلينج ڪيو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

قومي اسيمبلي سيٽن جا نتيجا، آزاد اميدوارن کي سرسي، ن ليگ ٻئي نمبر تي

آزاد اميدار 99 سيٽون کٽي سيني کان اڳيرا آهن، ن ليگ 73 پيپلزپارٽي 54 سيٽون کنيون

ايم ڪيوايم 17، ق ليگ ۽ جي يو آءِ 3،3، آءِ پي پي، اي اين پي، بي اين پي ۽ ايم ڊبليوايم کي 1،1 سيٽ ملي

قومي اسيمبلي جي 10 سيٽن جي نتيجن جو اڃا انتظار، ڪجهه پارٽين پاران چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام

اسلام آباد(م ڊ) قومي اسيمبلي جي 265 مان 255 سيٽن جا نتيجا اچي ويا جڏهن ته قومي اسيمبلي جي 10 سيٽن جي نتيجن جو اڃا انتظار آهي. قومي اسيمبلي ۾ آزاد اميدار 99 سيٽون کٽي سيني کان اڳيرا آهن. ن ليگ 73 پيپلز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عام چونڊن ۾ اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين هجي ها پاڪستان بحران کان بچي وڃي: صدر

اي وي ايم ۾ ڪاغذي بيلٽ هئا، جنهن کي هٿ سان ڳڻي سگهجي پيو پر هن ۾ هڪ اليڪٽرانڪ ڪيلڪوليٽر ڪائونٽر به هو

ان ۾ ٻٽڻ جي سهولت به موجود هئي، هر اميدوار جو نتيجو پولنگ ختم ٿيڻ جي پنجن منٽن اندر دستياب هجي ها ۽ پرنٽ به ٿي وڃي ها

اي وي ايم سسٽم لاءِ اسان ايوان صدر ۾ 50 کان وڌيڪ گڏجاڻيون ڪيون جيڪي ناڪام ٿي ويون

صدر عارف علوي (فائل فوٽو)

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي چيو آهي ته عام چونڊن ۾ اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين هجي ها /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

چونڊن واري ڏينهن موبائيل فون سروس
بند ڪري وڏي ڌانڌلي ڪئي وئي،
نتيجا رد ڪريون ٿا: سيد زين شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو ته ڌانڌلي وارين چونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڊي آءِ خان: فائرنگ ۾ اي ايس آءِ شهيد، جوابي ڪارروائي ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا

اي ايس آءِ دين محمد اليڪشن ڊيوٽي تان واپس اچي رهيو ته هٿياربندن مٿس فائرنگ ڪئي

دهشتگردن موٽرسائيڪلن تي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته فائرنگ ۾ مارجي ويا

ڊي آءِ خان(م ڊ) ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي موروگا حسن خيل ۾ فائرنگ سبب اي ايس آءِ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڊالر کي هٿيار بڻائڻ آمريڪا جي سنگين غلطي آهي: روسي صدر

ڊالر کي هٿيار جي طور تي استعمال ڪرڻ سان آمريڪي معيشت متاثر ٿي ۽ ان جي طاقت ڪمزور ٿي

ڪجهه ملڪن جي واپار کي محدود ڪري ۽ اثاثن کي منجمد ڪري آمريڪا دنيا کي غلط سگنل ڏنو

2022 ع ۾ اسان جي 3 سيڪڙو ڊي وٽ يو آن ۾ هئي جيڪا اڄ 34 سيڪڙو ٿي چڪي آهي

ماسڪو(م ڊ) روسي صدر ولاديمير پيوٽن چيو آهي ته پرڏيهي پاليسي ۾ ڊالر کي هٿيار جي طور تي استعمال ڪرڻ آمريڪا جي وڏي غلطي آهي. 2022 ع کان شروع ٿيل روس ـ يوڪرين جنگ کان پوءِ روسي صدر پهريون ڀيرو ڪنهن اولهه ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حڪومت ٺاهڻ لاءِ نمبر پورا آهن، مختلف آپشنز تي غور ڪري رهيا آهيون: پي ٽي آءِ ترجمان

وفاق ۽ صوبي ۾ اسان اڪثريتي پارٽي آهيون، ڪنهن سان اتحاد ڪري حڪومت ٺاهڻ بابت ڪجهه به چوڻ وقت کان اڳ هوندو

اليڪشن ڪميشن اسان جي اميدوارن کي آزاد چئي رهيو آهي پر پي ٽي آءِ جي نامزد اميدوارن نامزدگي ڪاغذن ۾ پي ٽي آءِ جو ئي حوالو ڏنو

پي ٽي آءِ کي هنيئر تائين ڊي نوٽيفاءِ ناهي ڪيو ويو ۽ مخصوص سيٽن لاءِ به اسان فهرست ڏئي ڇڏي آهي

پي ٽي آءِ جو مرڪزي ترجمان معظم بٽ

اسلام آباد(م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي ترجمان معظم بٽ چيو آهي ته حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گهوٽڪي پرسان ٽرالر ڊرائيورن کي
اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، ايس ايڇ او
۽ 3 ڊرائيور زخمي

گهوٽڪي جي سرحد واري علائقي ۾ ٽرالر ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ٺٽي ۾ گندرا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

زخمين کي سول اسپتال مڪلي ۽ جهرڪ منتقل ڪيو ويو ٻن زخمين کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي

اليڪشن واري ڏينهن سنڌن برادري جي ماڻهن مٿن حملو ڪري 7 ماڻهن کي زخمي ڪري وڌو آهي

انصاف ڪري نوجوانن کي زخمي ڪندڙ حملي آورن کي گرفتار ڪيو وڃي، ماڻهن جو علاج ڪرايو وڃي: مطالبو

ٺٽو(ڊ ر) 3 ڏينهن اڳ 8 فيبروري عام چونڊ واري ڏيهاڙي تي صبح سويل سونڊا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري سونهري ڳوٺ ۾ گندرا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي جي نتيجي ۾ 7 کان وڌيڪ ماڻهون زخمي ٿي پيا هئا. جن سان هڪ نوجوان جي اک ضايع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو: جهيڙي جا زخمي اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن

سجاول شهر واسي باٿرن جي ظلمن خلاف تنگ ٿي احتجاجي مظاهرو

سجاول (ڊ ر) سجاول شهر واسي باٿرن جي ظلمن خلاف تنگ ٿي پريس آڏو احتجاج ڪيو. تفصيل موجب سجاول لڳ ڳوٺ حاجي خان هٿيار جو رهواسي محمدشريف هٿيار پنهنجي پيٽرن سان گڏ سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته مبارڪ هٿيار، تنوير هٿيار، صدام هٿيار ۽ محمد هٿيار /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 24

ڊي آر او ۽ ايس ايس گهوٽڪي مون کي شڪست ڏني آهي: باري خان پتافي

ضلعي گهوٽڪي ۾ اين اي جا پيپلزپارٽي جا اميدوار منهنجي مخالفت ڪري رهيا هئا

ڊي آر او ۽ ضلعي انتظاميه مخالفن خلاف ڪاروائي ڪرڻ بدران منهنجي خلاف ڪارروائي ڪئي

يارولنڊ پولنگ اسٽيشن تي سرعام ڌانڌلي ٿي جنهن ۾ مون کي پولنگ اندر وڃڻ کان روڪيو ويو

ميرپور ماٿيلو(رپورٽ ظهير وسير) ميرپور ماٿيلو: ڊي آر او ۽ ايس ايس گهوٽڪي مون کي شڪست ڏني آهي، اپوزيشن بوگس ووٽ ڪاسٽ ڪيا پر ڊي آر او کي درخواست ڏني پر پ پ اميدوار باري خان پتافي کي نظر انداز ڪيو ويو وڃي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ميرپورماٿيلو: پ پ اميدوار باري پتافي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

رتوديرو ۾ پرسان وارث ڏنو ماڇي ۾ پرائمري استاد گوليون هڻي قتل

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو پيرسان وارث ڏنو ماڇي ٿاڻي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿياربندن پرائمري استاد کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو وڏا پوسڻ واري علائقي ۾ هٿياربندن 50 ورهين پرائمري استاد علي جلباڻي کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول پرائمري استاد جو مڙهه اسپتال / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دڙو ۾ تحريڪ لبيڪ طرفان اليڪشن نتيجن خلاف احتجاجي مظاهرو

ميرپوربٺوروجي صوبائي تڪ پي ايس 73 تي هارايل اميدوار حافظ ڏٽي ڏنو جاکرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ملڪ سميت سنڌ ۾ سازش تحت تحريڪ لبيڪ جي اميدوارن کي هٽ وٺي هارايو ويو آهي: اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ چونڊن تي نظر رکندڙ عالمي ادارو اليڪشن ۾ ٿيل ڌانڌلين جو نوٽيس وٺي

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو ۾ تحريڪ لبيڪ طرفان اليڪشن جي جاري نتيجن خلاف احتجاجي مظاهرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دڙو: چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف ٽي ايل پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

چونڊن واري ڏينهن موبائيل فون سروس بند ڪري وڏي ڌانڌلي ڪئي وئي، نتيجا رد ڪريون ٿا: سيد زين شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو ته ڌانڌلي وارين چونڊ نتيجن کي رد ڪيون ٿا. پنهنجي جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سرحد پرسان ڌاڙيلن جي گاڏين مٿان فائرنگ، پوليس مقابلي ۾ ايس ايڇ او سميت چار ڄڻا زخمي، ڏرڙو

قومي شاهراهه تي ڌاڙيلن پاران پنجاب ۽ سنڌ طرف ايندڙ ۽ ويندڙ گاڏين کي فائرنگ ڪري ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

موقعي تي سرحد پوليس جي پهچڻ تي ڌاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿي پيو، ايس ايڇ او سرحد، 3 ٽرڪ ۽ ٽرالر ڊرائيور گولين لڳڻ سبب زخمي

گاڏين مٿان فائرنگ ۽ ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش واري واقعي خلاف ڊرائيورن قومي شاهراهه جي ٽي گاڏيون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري احتجاج

سرحد(رپورٽ: غلام عباس مهر) گهوٽڪي ۾ ڌاڙيل راڄ، سرحد پرسان ڌاڙيلن جي گاڏين مٿان فائرنگ، پوليس مقابلي ۾ ايس ايڇ او سميت چار ڄڻا زخمي، گاڏين کي گولين سان هڻيون ويون. واقعي خلاف ڊرائيورن جو گاڏيون بيهاري قومي شاهراهه بلاڪ، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان ۾ چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف ٽي ايل پي جو احتجاج

اليڪشن جي چونڊ مرحلي دوران ڌانڌلين جا رڪارڊ ٽوڙي عوامي مينڊيٽ جي چوري ڪئي وئي: اڳواڻ

اليڪشن جي مقرر ڪيل ڪامورن ڌانڌلين ٿيڻ جو ڪو به نوٽيس نه ورتو، نه جعلي ووٽن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي

شهري علائقي مان پيپلزپارٽي جي شڪست ۽ ٻهراڙي مان وڏي اڪثريت سان ووٽ ملڻ به اڃان تائين عجب معاملو بڻيل آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي چونڊن ۾ مبينه ڌانڌلي خلاف تحريڪ لبيڪ جو احتجاج . اليڪشن ڪميشن کان ٻيهر اليڪشن ڪرائڻ جو مطالبو . ٽنڊو محمد خان ۾ چونڊ مرحلي دوران مبينه ڪيل ڌانڌلين خلاف/بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 30

نوشهرو فيروز ۾ صوبائي تڪ تان پ پ اميدوار جي کٽڻ جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ريلي مولهڻ شهر کان نڪتي جيڪا شهر جو گشت ڪندي بائِ پاس نوشهروفيروز ڪانپو ۽ سيد هائوس پهتي

وڏي ليڊ ڏئي عوام ثابت ڪيو آهي ته اهي اسان سان گڏ آهن، اميدن تي پورو لهي خدمت ڪنداسين: سيد حسن علي شاهه

پوئتي پيل علائقن ۾ ترقي آڻي تعليم ۽ صحت سان گڏ بنيادي سهولتون ڏياري پنهنجو ڪيل وعدو پورو ڪنداسين

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي پهريا واري صوبائي تڪ تان وڏي ليڊ سان /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ پ پ اڳواڻن جي ڪاميابي تي سيد زاهد شاهه پاران مبارڪباد

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر هائوس پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاهه بخاري پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ اسلام دين شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: پ پ اميدوارن جي کٽڻ جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

گهارو ۾ بدامني وڌي وئي، چوريون روز جو معمول بڻيل

ٻن مهينن کان شهر ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو، شهري سخت پريشان، دڪانن مان چوري معمول بڻجي ويو

شهر ۾ منشيات عام وڪرو ٿي رهي آهي، منشيات جي حاصلات لاءِ موالين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي

منشيات فروشن ۽ چورن جي پٺڀرائي ڪندڙ اهلڪارن خلاف محڪماڻي ڪاروائي ڪئي وڃي: شهري

گهارو (رپورٽر : بشام جوکيو) گهارو شهر مان امن جو پکي اڏامي ويو چوريون ٿيڻ روز جو معمول بڻيل گهارو پوليس گهري ننڊ ۾ منشيات جو ڪاروبار پڻ عروج تي تفصيل موجب گذريل ٻن مهينن کان گهارو شهر ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

مورو ۾ ٽي ايل پي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، ريلي

قربان ٻرڙو، عادل رضوي، غلام رباني قاسمي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي

8 فيبروري ۽ تي ٿيندڙ اليڪشن نه پر سليڪشن هئي، صرف ۽ صرف عوام جو وقت ۽ پئسا خرچ ڪرايا ويا: اڳواڻ

هي اليڪشن نه پر غريب مسڪين پورهيت مزدور عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي، اسان انهي اليڪشن رد ڪريون ٿا

نوشهرو فيروز (د ر) مورو ۾ ٽي ايل پي جي مرڪزي سڏ تي قومي اسيمبلي ۽ جي تڪ اين اي 206 تي اميدوار سيد راشد علي شاهه قاسمي، صوبائي اسيمبلي ۽ جي تڪ پي ايس 35 تي اميدوار اختر حسين چانڊيو سميت جنيد جان قاسمي، قربان ٻرڙو، عادل رضوي، غلام رباني قاسمي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ درس روڊ کان هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف هنڌن کان ٿيندي مورو پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي اين اي 206 تي چونڊ وڙهندڙ سيد راشد علي شاهه قاسمي چيو ته 8 فيبروري ۽ تي ٿيندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سکر: عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو

ناصر محمود سومرو جي اڳواڻي ۾ جمعيت علماءِ اسلام سکر جي ڪارڪنن جي وڏي انگ آئي بي اي پبلڪ اسڪول ملٽري روڊ سکر ٻاهران ريلي ڪڍي احتجاجي ڌرڻو هنيو

مظاهري ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سکر جي سيڪريٽري جنرل حضرت مولانا محمد صالح انڍڙ، مفتي سعود افضل هاليجوي، جي يو آءِ جي نامزد اميدوار مير مبين خان بلو شامل

هي اليڪشن نه پر اليڪشن آهي. جيڪو قابل قبول نه آهي، اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن ۾ من پسند نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

سکر: اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف مولانا راشد محمود سومرو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) عام چونڊن 2024 ع ۾ ٿيل مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو، علامه ناصر محمود سومرو جي اڳواڻي ۾ جمعيت علماء اسلام ضلعي سکر جي ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

خانواهڻ ۾ پ پ اميدوارن جي ڪاميابي تي شهرين پاران ريلي ڪڍي وئي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پيپلز پارٽي ڪارڪنن شهرين ۽ واپارين طرفان پيپلز پارٽي اميدوارن اين اي 205 ڪامياب اميدوار سيد ابرار علي شاهه ۽ پي ايس 32 جو ڪامياب اميدوار سيد سرفراز حسين شاهه ۽ تڪ جي پيپلز پارٽي اڳواڻ رئيس سردار مقصود خان خشڪ جن جي ڪاميابي جي خوشي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي جيڪا عيد گاهه چوڪ کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

الله جي فضل سان پ پ سڄي سنڌ ۾ سوڀ ماڻي آهي: ناصر حسين شاهه

سنڌ ۾ واضح اڪثريت هجڻ باوجود حڪومت ٺاهڻ لاءِ ٻين پارٽين جي مينڊيٽ جو به احترام ڪندي آهي

اسان جي اولين ترجيح آهي پي ٽي آءِ ڪانسواءِ ٻين آزاد اميدوارن ۽ بئريسٽر گوهر سان به ڳالهيون ڪنداسين

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ تڪ پي ايس 25 تان ڪامياب اميدوار سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته الله جي فضل سان پ پ سڄي سنڌ ۾ سوڀ ماڻي آهي ۽ سنڌ ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪنهن کي به /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 02

سکر: پ پ اڳواڻ سيدناصر حسين شاهه پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پ پ سڄي ملڪ ۾ عوام جي طاقت سان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي: عقيل عباس سومرو

هن پارٽي هميشه عوام کي روزگار ڏنو آهي ۽ هر ڏکي سکي وقت ۾ عوام سان نڀايو آهي

هاري، مزدور ۽ غريب عوام لاءِ جانين جا نظرانا ڏنا، اڄ به بلاول ڀٽو زرداري غريب عوام لاءِ جاکوڙي رهيو آهي

شڪارپور(رپورٽ: عبدالخالق سومرو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪاميابي عوام جي سوڀ آهي، عقيل عباس سومرو، خبر موجب سومرا هائوس شڪارپور تي عام چونڊن ۾ پ پ اميدوارن جي ڪاميابي تي مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو هلندڙ آهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽي جي ٽائون هال نوجوان جو لاش هٿ

لاش جي سڃاڻپ ٺٽي واسي رشيد ولد جمن مڱڻهار طور ٿي

پوليس لاش ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽو پوليس کي ٺٽي شهر جي ٽائون هال مان هڪ نوجوان جو لاش مليو آهي، جنهن جي سڃاڻپ ٺٽي واسي 20 سالہ نوجوان رشيد ولد جمن مڱڻهار طور ٿي آهي. پوليس لاش کي سول اسپتال مڪلي پهچائي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: هٿ آيل نوجوان جي لاش کي ايمبولينس ۾ نيو پيو وڃي

ميرپور ماٿيلو مان ڊرائيور ٽريڪٽر سميت مبينا طور اغوا

ڌوهارين ٽرالي چڙهي ٽريڪٽر سميت ڊرائيور کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا

ٽريڪٽر سميت ڊرائيور محمد يعقوب سميجو کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن

ميرپور ماٿيلو(رپورٽ) ميرپورماٿيلو مان ٽريڪٽر ڊرائيور ٽريڪٽر سميت مبينا طور اغوا، ٽرالي ميرپورماٿيلو ۾ سرڪاري نرسري وٽ بيهل ڌوهارين ٽرالي چڙهي ٽريڪٽر سميت ڊرائيور کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي ڊرائيور جي گهر ۾ روڄ راڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو لڳ خدا آباد جي ڳوٺ ۾ لنڊ برادرين جي ٻن ڌرين جهيڙو

جهيڙي ۾ لٺين، ڪهاڙين جي آزادانہ استعمال، ميرو لنڊ، رفيق لنڊ، مسمات حميده سخت زخمي ٿي پيا

جوابدار هٿيارن جي زور تي اسان جي زرعي زمين تي قبضو ڪري رهيا آهن: زخمي ٿيل

دادو (ن سنڌيار) دادو لڳ خدا آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ بهادر علي لنڊ ۾ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا زرعي زمين تي قبضي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن سبب لٺين، ڪهاڙين جي آزادانہ استعمال سان ميرو لنڊ، رفيق لنڊ، مسمات حميده سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر جي صحافي جان محمد مهر اصلي قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجا جاري

پوليس جي عدم دلچسپي سبب قاتل قانون جي پڪڙ ۾ نه آيا، صحافي برادري ۾ ڪاوڙ جي لهر

خالد ٻانيڻ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ)6 مهينا گذري ويا سکر پوليس شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا. نگران سنڌ Hحڪومت ۽ سنڌ پوليس جي عدم دلچسپي سبب قاتل قانون جي پڪڙ ۾ نه آيا صحافي برادري ۾ سخت ڪاوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سلطانپور پرسان پير بگو شير بادشاهه جو ساليانو عرس ملهايو ويو

پروگرام جو آغاز تلاوت قرآن خواني سان ڪيو ويو، صدارت ميان عابد حسين انڍڙ سهروردي جن ڪئي

عالمن ميان خاوند بخش جي زندگي تي روشني وڌي، وڏي تعداد ۾ مريدن ۽ عقيدت مندن شرڪت

سلطانپور (رپورٽ : قربان علي مهر) سلطانپور پرسان ڳوٺ چيچڙو ۾ تاريخي ۽ سنڌ جي پهئين نمبر وڏي قبرستان جي درگاهه پير بگو شير بادشاهه جي اڳوڻي گادي ڌڻي، حضرت سخي پير ميان خاوند بخش انڍڙ سهروردي جو ساليانو عرس مبارڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سلطانپور: درگاهه پير بگو شير بادشاهه جي عرس جي موقعي تي دعا گهري پئي وڃي

دادو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران چونڊ ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاج

ملڪ ۾ ٿيندڙ جنرل اليڪشن ۾ مها ڌانڌلي ٿي آهي، جنهن کي اسان رد ٿا ڪريون: اڳواڻ

اسان جي کٽيل اميدوارن کي رات جي پيٽ ۾ مبينا ڌانڌلي ڪري هارايو ويو آهي

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلع دادو پاران 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪرڻ خلاف مرڪز جي سڏ تي دادو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نئون ديرو لڳ فقير ادو علي محمد جروار لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ المصطفيٰ عيد گاهه ڳوٺ خانواهه جروار ۾ ادا ڪئي وئي

تعزيت جو سلسلو جاري آهي، ٺڏو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ رکيو ويو آهي

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود پٺو)سٽي ڪئس جو ملازم حاجي قربان علي جروار جو سئوٽ ڪورٽ جي ملازم ساجد علي جروار جو چاچوفقير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر پريس ڪلب جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس ٿي گذريو

اجلاس ۾ سکر پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر چوڌري محمد ارشاد گونڊل جي صحتيابي لاءِ دعا گهري وئي

شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکڻ جي ڀرپور حمايت ڪئي وئي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ۽ عهديدارن جو ڀرپور افتتاحي تعارفي اجلاس صدر سکر پريس ڪلب آصف ظهير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

مليرلڳ لانڍي مان 26 هٿياربندن 95 مينهن سميت 2 ڄڻن کي مبينا اغوا ڪري ويا

رات جو 26 هٿياربند واڙي ۾ گهڙي آيا، ڪم ڪندڙن همراهن کي مغوي بڻائي 95 مينهون ڪاهي ويا

ڳوالن تي تشدد پڻ ڪندا رهيا ۽ محمد خان ۽ عبدالسبحان نالي نوجوانن کي به مبينا طور اغوا ڪري وٺي ويا

اسان قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايس ايڇ او لانڍي وٽ پهتاسين ته هن ڪيس داخل ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو

مليرا(رپورٽ : فاروق پنهور) مليرلڳ لانڍي مان مينهون چوري جو واقعو، بابر مارڪيٽ وٽ باغي چوڪ تي قائم واڙي مان 26 هٿياربندن 95 مينهون سميت ٻه ڄڻا مبينا طور تي اغوا ڪري ويا. ايس ايڇ او لانڍي پاران واقعي جو ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي ۾ اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف جماعت اسلامي ۽ آزاد اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

اليڪشن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي خلاف جماعت اسلامي جي سڏ تي آزاد اميدوارن سان گڏ وڏي انگ ۾ مردن ۽ عورتن احتجاجي مظاهري ۾ شرڪت

ملڪ ۾ ڌانڌلي ٿي جنهن تي ڪنهن جي به اک نه کولي ۽ اليڪشن ڪميشن سنڌ جي آفيسرن به گهٽ نه ڪيو: حافظ نعيم الرحمان

اسان جي کٽيل اميدوارن کي ٻي ڏينهن تي هارائي پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو ويو. اهڙا ڪيترا مثال موجود آهن

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پهنوار) 2024 جنرل اليڪشن ۾ ريڪارڊ ڌانڌلي خلاف جماعت اسلامي ۽ آزاد اميدوارن جو اليڪشن ڪميشن سنڌ خلاف وڏي انگ ۾ حافظ نعيم الرحمان جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو ۽ جتي نعريبازي خبر موجب 2024 جي اليڪشن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي خلاف جماعت اسلامي جي سڏ تي آزاد اميدوارن سان گڏ وڏي انگ ۾ مردن ۽ عورتن احتجاجي مظاهري ۾ شرڪت ڪري اليڪشن ڪميشن سنڌ خلاف جتي نعريبازي ڪري رهيا هئا مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر ڪينل هئا جنهن تي مختلف قسم جا نعرا درج هئا ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو جي ڪورٽ ۾ ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

نامزد جوابدار سردار احمد چانڊيو، برهان خان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو به عدالت ۾ پيش ٿيا

ڊاڪٽرن کان آڏي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي، عدليه مان پُراميد آهيون، پوسٽ مارٽم متعلق اڄ جا ٿيل سوال تمام دردناڪ رهيا: ام رباب چانڊيو

رينجرز اهلڪارن منهنجي ڪورٽ پيشي دوران تصويرون ڪڍيون آهن، جيڪا مون معزز جج صاحبان کي لکت ۾ شڪايت ڪئي آهي: سردار چانڊيو

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو، والد مختيار چانڊيو، چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي.ام رباب چانڊيو ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

اليڪشن سنڌ ۽ ملڪ جي تاريخ جي بدترين اليڪشن آهي: جي ڊي اي اميدوار

ڌانڌلي ذريعي مون سميت سمورن جي ڊي اي جي اميدوارن کي اليڪشن ۾ هارايو ويو آهي

ملڪ ۾ اڳ به جنرل اليڪشن ٿيون 2024 واري اليڪشن جو تاريخ ۾ ڪو به مثال نه ٿو ملي

پنهنجي مخالف اميدوار کي چيلينج ٿو ڪيان ته پولنگ وائيز مون سان اليڪشن وڙهي ۽ کٽي ويو ته آءُ سياست ڇڏيندس

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو جي صوبائي تڪ پي ايس 82 تي جي ڊي اي جي اميدوار عاشق علي زئنور جي ڊي اي ضلع اڳواڻ سيد ظفر علي شاهه ۽ رئيس محبوب لنڊ دادو جتوئي هائوس تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 06

ٺئون ڪوٽ ۾ وڏيري جو نوجوان تي تشدد، احتجاج

ڳوٺ قاضي قاسم سومرو جي نوجوان پنهنجي پيءُ سان گڏجي بااثر وڏيري خلاف احتجاج ڪيو

آئون شهر کان ڳوٺ وڃي رهيو هئس ته رات جو بااثر وڏيري جي چاڙتن روڪي مار ڪٽ ڪئي: نوجوان

مارڪٽ بعد دانهن ڪٽي پوليس اسٽيشن تي ويس ته پوليس فرياد ٻڌڻ بجاءِ ڌڙڪا ڏئي موٽائي ڇڏيو

ٺئون ڪوٽ پريس ڪلب
ٺئون ڪوٽ: بااثر وڏيري خلاف نوجوان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٺئون ڪوٽ (رپورٽر) اسانجي غلامي جو ٺٺو ڪرين، وڏيرو نوجوان تي ڏمرجي پيورستي ويندڙ نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز ۾ ينگ لائيرز آرگنائيزيشن جون چونڊ ٿي گذريون

نوشهرو فيروز(د ر) ينگ لائيرز آرگنائيزيشن ضلع نوشهرو فيروز جون چونڊون ٿيون جنهن ۾ صدر ايڊوڪيٽ زبير عالماڻي، سينئر نائب صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اليڪشن ٿيندي ئي واره جي پنا مائينر جو پاڻي بند

پاڻي وهڪري کي قانون موجب بحال ڪري شاخ کي گندي پاڻي جي چوڙ ۽ گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي: شهري

آبپاشي عملدار شاخ جي منڍ واري حصي تي قابض آهن. شاخ جي منڍ واري حصي ۾ آرڊيز ۾ پاڻي چوڙ ڪري پيسن عيوض وڪڻندا آهن

شاخ ۾ سموري شهر جو گند ڪچرو اڇلائڻ سميت سموري شهر جو نيڪال جي گندي پاڻي جو چوڙ شاخ ۾ ڪندا آهن

واره (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) واره شهر جي سونهن شهر جي وچئون گذرندڙ مقبوضہ پنا مائينر شاخ جو دريائي پاڻي وهڪرو اليڪشني پيرڊ مڪمل ٿيڻ شرط بند، جبري پاڻي بندش جو شڪار مقبوضہ زرعي شاخ منجه اليڪشن جي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مخالفن اليڪشن ۾ سرڪاري ملازمن جو ڳٺ جوڙ تاهي رڪارڊ ڌانڌلي ڪئي آهي: شڪيل جلباڻي

اليڪشن واري رات ووٽرن کي حراسان ڪري ووٽ خريد ڪري اليڪشن جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي

هي تاريخ جي بدترين اليڪشن ثابت ٿي پوليس عملدار نالي ماتر هيا جيڪي صورتحال کي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا

اهڙي اليڪشن ڪرائڻي هئي ته عوام کي ويڙهائڻ ۽ خوار ڪرڻ جي ضرورت هئي، جي ڊي اي جي اعلي قيادت سان رابطي ۾ آهيون

نوشهروفيروز: جي ڊي اي جا اڳواڻ چونڊ ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز (د ر) اليڪشن ۾ رڪارڊ ڌانڌلي ٿي آهي اڳوڻي ايم پي اي اسان جي علائقي ۾ اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر لاءِ خورشيد شاهه ۽ نعام اسلام شيخ بهترين نمائندا آهن: عبد الحميد شيخ

سکر(رپورٽر) سچل سائين رحمت الله شيخ ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر طرفان پاڪستان پيپلزپارٽي سکر جي پيپلزپارٽي اين اي 201 جي پيپي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر لڳ ڳوٺ ۾ مخدوم صدر شاهه عثمان قريشي سهروردي ڪانفرنس ٿي گذري

مخدوم عثمان قريشي رح جي تعليم تي عمل ڪندي ڇڏيل سبق کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي: اڳواڻ

مخدوم عثمان قريشي جي شخصيت ۽ عملي جدوجهد تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي

مخدوم عثمان جي ڏسيل راهه تي هلي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي: ڪانفرنس ۾ خطاب

سکر(بيورو رپورٽ) سکر لڳ فراش ڳوٺ ۾ مخدوم صدر شاهه عثمان قريشي سهروردي ڪانفرنس ٿي گذري . جنهن جي صدارت ناليواري اديب پروفيسر شمس صابر ڪلوڙ ڪئي ۽ خاص مهمان پروفيسر منظور بيدارجن هيا ۔ ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 11 فيبروري 2024ع

هاڻي نئين سياست ڪرڻ سکو

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پنهنجو ملڪي چونڊ نظام هر دور ۾ تڪراري رهيو آهي، سال 2024 جون چونڊون ڪرائيندڙ اليڪشن ڪميشن تي بہ آڱريون کڄي رهيون آهن. موجوده چونڊن تي بہ وڏا اعتراض واريا ويا آهن سواءِ تنقيد پنهنجي جاءِ تي بلڪل بہ ٺيڪ گهرجي پر هاڻي ضرورت نئين سياست ڪرڻ جي آهي، عوام جي ووٽن جي احترام ڪرڻ جي ۽ قومي توڙي صوبائي اسيمبلين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪس ڪسر ڪاڻڻ جي گهرج آهي. معنيٰ تہ روايتي طور تي نئين حڪومت جي ٺهڻ ۾ رنڊڪ وجهڻ بدران ان سان سهڪار ڪرڻ گهرجي، مخالف ڌر ۾ رهندي، اپوزيشن سيٽن تي ويهندي بہ چونڊجي آيل قومي ۽ صوبائي ميمبرن کي پنهنجي تڪن جي عوام جي بهتري لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. رڳو احتجاج ڪرڻ، ڌرڻا ڏيڻ کان پاسو ڪيو وڃي جائز تنقيد حڪومت تي ضرور ڪرڻ گهرجي. پنهنجو موقف ضرور ڏيڻ گهرجي پر گڏوگڏ حڪومت کي صلاحون بہ ڏيڻ گهرجن ۽ اهي صلاحون ان نيت سان ڏيڻ گهرجن تہ جيئن اهو تاثر جڙي تہ اپوزيشن وارا مخالفت براءِ مخالفت بدران اصلاحي تنقيد ڪن ٿا ۽ اهي حڪومت کي پنهنجو دشمن نہ پر سڄڻ سمجهن ٿا.

ايئن جيڪا بہ حڪومت چونڊجي اچي تنهن کي ئي اصل ۾ پارليامينٽ اندر جمهوري ماحول ناهڻ جي اڳڀرائي ڪرڻي پوندي. مخالف ڌر کي گڏ کڻي هلڻ جي اصل ۾ پهرين ذميواري حڪومت جي ئي هوندي آهي. اهو سڀ ملڪ جي ڪمزور جمهوري ۽ پارلياماني نظام جي روشني ۾ ڪرڻ جي ضرورت آهي. مطلب تہ جمهوري ڌرين کي جمهوري نظام ۽ پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هاڻي خسيس پارٽي مفادن کي ڇڏڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ ملڪ جا جمهوري ادارا ڪمزور آهن. آمريتي طاقتون سڌو يا اڻ سڌي نموني جمهوري نظام تي قابض آهن. تنهن ڪري غير جمهوري طاقتن جو قبضو ختم ڪرائڻو آهي ۽ اهو قبضو وڙهڻ سان يا سڌي نموني ختم نٿو ڪري سگهجي ان لاءِ تمام گهڻي سياسي بصيرت ٿي کپي، وڏي دل ٿي گهرجي. اها ويڙهہ غير محسوساتي طريقي سان چونڊجي آيل سڀني اميدوارن سان گڏجي ڪري وڙهڻي پوندي.

پڪ ڄاڻو تہ ملڪ جو عوام بہ اهو ئي ٿو چاهي. اهو سياسي جماعت جي چنداپٽ، هڪٻئي جون چنگهون ڇڪڻ واري سياست کان بيزار ٿي چڪو آهي. سياست ۾ سندن غير دلچسپي جو اندازو چونڊن جي ٽرن آئوٽ مان ئي اوهان لڳائي سگهو ٿا. سو عوام چونڊيل اميدوارن تي ٻڌل پارليامينٽ کي پنهنجو آئيني پنجن سالن وارو مدو پورو ٿيندي ڏسڻ گهري ٿو. اهو سياسي افراتفري مان مڪمل طور تي تنگ ٿي چڪو آهي. اهو پراڻي سياست بدران هاڻي نئين سياست چاهي ٿو. اهو احتساب جي نالي ۾ انتقامي ڪارروائين جو ٻڌي الٽي اچڻ لڳي آهي.

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بہ چونڊ مهم ۾ اهوئي نعرو کڻي آيو هو تہ نئين سوچ کي ووٽ ڏيو. نئين سوچ مان سندس مراد اها هئي تہ هاڻي نفرت ۽ انتقام جي سياست نہ ڪرڻ گهرجي. سو جيڪڏهن اهڙي سياست جي عملي طور شروعات بلاول ڀٽو زرداري ڪري ٿو نہ رڳو سندس ۽ پارٽي جي ساک بهتر ٿيندي پر ان سان مجموعي طور تي سياست جي ساک عوام ۾ بهتر ٿيندي.

اسان کي اها بہ جذبي تحت هڪٻئي سان سهڪار ڪندين تہ اسيمبلين اندر جمهوريت ۽ عوام دوست ماحول جڙي ويندو جنهن سان عوام کي فائدو ٿيندو. عوام جي مسئلن ڏانهن ڌيان ويندو قانون سازي ۾ هڪٻئي سان سهڪار ڪيو ويندو جيڪو عمل سياسي جماعتن جي روايتي رنجشن ۽ تڪرارن سبب وڏي پيماني تي متاثر ٿيندو رهيو آهي جنهن کي هاڻي هر قيمت تي بحال ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ قانون اسيمبلين ۾ ئي گڏيل اتفاق سان نهندا آهن. انهن قانونن ۾ ملڪ ۽ عوام جو فائدو ڏسڻ گهرجي. پهرين ڪهڙي بہ جماعت جي تجويز يا بل هجي ڏسڻ اهو گهرجي تہ عوام جي مفاد ۾ آهي يا نہ ناهي.

اهو بہ حسن اتفاق آهي تہ چونڊن جا نتيجا اهڙا نظر اچن ٿا جنهن ۾ سواءِ سنڌ جي ڪنهن بہ صوبي توڙي وفاق ۾ ڪا بہ جماعت اڪيلي سر حڪومت ناهي ٿي سگهي سو سڀني سياسي جماعتن کي نئين سياست ڪرڻ جو سونهري موقعو بہ مليل آهي. انهيءَ موقعي مان فائدو وٺندي ڪين ثابت ڪرڻ گهرجي تہ اهي هڪٻئي سان گڏجي حڪومت قائم ڪري غير جمهوري طاقتن تي ثابت ڪري سگهن ٿيون تہ اهي ملڪ ۽ جمهوري نظام کي هلائڻ ڄاڻن ٿيون. عوام جي اميدن تي پورو لهڻ جو خواب ساڀيان ڪري سگهن ٿيون.

اهو ڏسي پاڻ کي بيحد سرهائي محسوس ٿي رهي آهي تہ نواز شريف ئي اهڙو جمهوري ماحول جوڙڻ لاءِ گڏيل حڪومت ناهڻ لاءِ پ پ، جي يو آءِ، ايم ڪيو ايم وغيره کي دعوت ڏني آهي. هن روايتي ڇڪتاڻ کان پاسو ڪندي گڏجي ملڪ جي خاص ڪري معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

چونڊ نظام اهي بہ ملڪ اندر ڀارت وانگر اهڙو قائم ڪري سگهن ٿيون جو اڳتي هلي ڪير بہ چونڊ نتيجن کي رد ڪرڻ جي همت نہ ڪري سگهندو ۽ ڀارت جي سياسي جماعتن وانگر هڪٻئي جي سوڀ ۽ هار کي تسليم ڪندين. اهڙو ماحول ناهڻ لاءِ بہ قانون سازي ڪرڻي پوندي جيڪا سياسي جماعتن جي هڪٻئي سان سهڪار بنا ممڪن ناهي. سو ان لاءِ بہ ملڪ کي نئين سياست جي گهرج آهي.

ان نئين سياست ذريعي خود سياست جي بہ عزت بحال ڪرڻي آهي. سياست جو اهو اميج ختم ڪرڻو آهي تہ سياست معنيٰ ٺڳي، ٻہ نمبري. سو اچو تہ نئين سياست ڪري مثبت ۽ خالص عوامي سياست جي روايت قائم ڪريون.

شڪست ۽ آزاد اميدوارن جو مينڊيٽ تسليم ڪريو!

غلام حسين لغاري

خير سان چونڊن وارو مرحلو ٿوري گهڻي تشدد ۽ خونريزي بعد گذري ويو نتيجا بہ دير مدار جادونگري مان فائينل ٿي عوام الناس جي آڏو پڌري پٽ ڪيا ويا آهن جيڪو ٿيو سو خوب ٿيو پوءِ بہ پي ٽي آءِ جي حمايت يافتہ اميدوارن جي سرسي رهي جڏهن تہ جمهوريت جي دعويدارن کي بري طرح شڪست ملي جن بہ پاڙئون پٽڻ جي دعوا ڪئي هئي پي ٽي آءِ جي وجود کي ختم نہ ڪري سگهيا جيل ۾ بند هڪ قيدي جيل اندر ويهي بہ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ عوام ساڻس گڏ آهي جيڪا گهرن مان نڪتي ۽ پنهنجو پلڙو ڀاري رکيو جڏهن تہ سرڪاري پروٽوڪول هيٺ عام جلسا ڪندڙ ن ليگ ۽ پ پ پ پنهنجي ووٽرن کي پولنگ اسٽيشنن تي آڻڻ ۾ ناڪام رهيون ۽ سندن سموريون دعوائون مٽي ۾ ملي ويون

ڏٺو وڃي تہ پولنگ ختم ٿيڻ بعد جيڪي بہ نتيجا سامهون آيا يا اخبارن ۽ چئنلن رپورٽ ڪيا تن موجب پي ٽي آءِ جي حمايت يافتہ ڪامياب اميدوارن جو انگ ڏيڍ سئو کان مٿي هيو ۽ نتيجن اچڻ جي رفتار تيز هئي جيڪا اوچتو رڪجي وئي جنهن بعد چيف اليڪشن ڪمشنر کي آفيس مان ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ رفو چڪر ٿيڻو پيو نتيجا اچڻ بند ٿيا جنهن کان پوءِ قوم کي ڳڻتي ٿي تہ ڇا بنگال جا جادوگر پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ اليڪشن ڪميشن تہ نہ پهتا آهن جنهن سان ڪجهہ ڪلاڪن تائين هڪ قسم جو سناٽو ڇانئجي ويو ۽ ڇهن اٺن ڪلاڪن بعد نتيجا ظاهر ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو جيڪو ڪالهہ تائين جاري رهيو جڏهن تہ اليڪشن ڪميشن رات جو 2 بجي تائين مڪمل نتيجا ظاهر ڪرڻ جي دعوا ڪئي هئي پ پ پ اڳواڻ شيري رحمان جو هڪ بيان سامهون آيو تہ سندس قائد بلاول ڀٽو لاهور واري سيٽ کٽيو ويٺو هو جنهن کي جادو وسيلي هارايو ويو ۽ هن اليڪشن ڪميشن مٿان نتيجن ۾ ڦير ڦار جا الزام هنيا انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ن ليگ کي هلڪو سلڪو ئي سهي مينڊيٽ ڏيارڻ لاءِ نتيجا روڪي جادو جي لٺ کي گهمايو ويو جو جو ميان محمد نواز شريف جيڪو مانسره ۽ لاهور ۾ هارائي ويٺو هو جنهن کي بعد جي نتيجن ۾ لاهور مان ڪامياب قرار ڏنو ويو چيو وڃي ٿو تہ لاهور جي انهي تڪ جي ريٽرننگ آفيسر کي رات جو ئي ميڊيڪل تي روانو ڪري نئون آر او مقرر ڪري ڪائنس نتيجو نوازشريف جي حق ۾ ڪرايو ويو جنهن نتيجي کي چئلنج بہ ڪيو ويو آهي عدالت جي فيصلي جو انتظار رهندو اليڪشن ڪميشن هن چونڊن ۾ تڏهن ڌر ثابت ٿي جڏهن پي ٽي آءِ کان پنهنجي سڃاڻپ يعني چونڊ نشان واپس ورتو ۽ سندس اميدوارن کي آزاد اميدوار تصور ڪيو ۽ الڳ الڳ نشان ڏنا ۽ ٻيهر ڌر تڏهن ٿي جڏهن آزاد اميدوار ميدان ماري چڪا هئا ۽ هڪ نئون انقلاب سامهون اچي چڪو هو جنهن سان پ پ پ ۽ ن ليگ بري طرح هارائي رهي هئي ۽ هلندڙ نتيجا ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڪيا ويا هن وقت بہ ن ليگ ۽ پ پ پ کي جيڪي بہ سيٽون مليون آهن تن سان بہ اڪيلي سر حڪومت نٿيون ناهي سگهن جڏهن تہ نئين پي ڊي ايم ٺهي پي ٽي آءِ مخالف سمورين پارٽين پاڻ ۾ گڏجي ۽ اتحادي حڪومت نهي اها الڳ ڳالهہ آهي اتحادي حڪومتن ماضي ۾ ڪڏهن بہ ڪو ٻوٽو ناهي ٻاريو هاڻ وري ڪهڙو ٻاريندي ويتر ملڪ معاشي طور ڪمزور کان ڪمزور ٿيندو هاڻ ملڪ وڌيڪ ڪمزور رهي نٿو سگهي جنهن جا اگر نتيجا نڪري سگهن ٿا طاقتور ڌريون هوڏ تان لهن ملڪي مفاد کي ترجيح ڏين ۽ عوامي مينڊيٽ جو احترام ڪن

اهي بہ خبرون آهن تہ ن ليگ هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي ميدان ۾ آصف زرداري کي ميدان تي لاهڻ لاءِ ٽاسڪ ڏنو آهي تہ هو آزاد اميدوارن کي خريد ڪري جنهن جو اشارو ن ليگ جي اڳوڻي وزير خزانہ اسحاق ڊار پنهنجي هڪ بيان ۾ ڏئي چڪو آهي تہ آزاد ميمبرن ن ليگ سان رابطو ڪري ن ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي هن بيان بعد ن ليگ سربراهہ ميان محمد نوازشريف پنهنجي ڀاءُ ميان شهباز شريف ۽ مولانا فضل الرحمان کي ٽاسڪ ڏنو آهي تہ اهي آصف علي زرداري سان رابطو ڪن ڪيس مخلوط حڪومت ناهڻ ۽ آزاد ميمبرن کي ڦيرائڻ لاءِ راضي ڪري هڪ اڌ ملاقات ٿي بہ آهي اهي بہ اطلاع آهن تہ بلاول ڀٽو اتحادي حڪومت جو حصو بڻجڻ جو مخالف آهي پر پنهنجي والد کي پٺي بہ ڏئي نہ سگهندو ۽ اهو مطالبو ڪندو تہ وزارت عظمي سندس حوالي ڪئي وڃي جيڪا ڳالهہ شريف خاندان ۽ طاقتور حلقا هرگز قبول نہ ڪندا معتبر ذريعن جو چوڻ آهي تہ آصف زرداري ن ليگ کان ڪجهہ مطالبا ڪيا آهن جنهن ۾ وزارت اعظمي يا صدارت سميت ڪجهہ مک وزارتون پ پ پ حوالي ڪرڻ جو اشارو ڪيو آهي هوئنئن بہ هن ڀيري ن ليگ جا اهم مهرا جيڪي مک وزارتون ڪلندا هئا سي هارائي چڪا آهن جنهن سان ن ليگ جي ٽيم اڌوري ۽ بي اثر ٿي چڪي آهي جيڪڏهن پي ٽي آءِ جي حمايت يافتہ آزاد اميدوارن کي خريد ڪرڻ ڊيڄارڻ يا ڪنهن بہ قسم جي غليظ حرڪت يا سازش ٿي تہ انجا اگرا نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا ملڪ ٻيهر ڌرڻن ڏانهن وڃي سگهي ٿو اهڙي طرح عالمي سطح تي ملڪ جو وقار هيٺ ڪرندو ۽ حالتون گنڀير ٿي سگهن ٿيون جنهن لاءِ طاقتور ڌرين کي احتياط کان ڪم وٺڻو پوندو هن ڀيري بہ چونڊن ۾ خانداني سياست ڪامياب ٿي آهي هڪ ئي خاندان ۽ ويڙهن جا اميدوار ڪامياب ٿي اسيمبلين ۾ پهتا آهن جيئن ماضي ۾ پهچندا رهيا آهن جنهن مان پلي پٽ پتو پوي ٿو تہ عوام ۾ شعور ناهي آيو ۽ خانداني سياست جو وجود برقرار رکڻ چاهي ٿي جتي ۽ جنهن پارٽي ۾ خانداني سياست نصب العين هوندو اتي جمهوريت جو ڪو جو وجود ناهي هوندو صرف جمهوريت جو نالو هوندو آهي ۽ اهي ملڪ ڪمزور ۽ معاشي طور تباهہ حال ڪرپٽ سڏيا ويندا آهن پاڪستان اهڙن ملڪن مان هڪ سڏجي ٿو جتي بک بيروزگاري جهالت جو انگ مٿيرو آهي جو جمهوريت جو نالو نشان ناهي عدالتن ۾ انصاف ناهي ججن سياسي ۽ وڪائو آهن سنڌ ۾ قومپرستن ۽ جي ڊي اي جي اميدوارن جي بري طرح شڪست بہ سنڌ لاءِ لمحه فڪريہ آهي جنهن جا بہ اسباب ڄاڻڻا پوندا تہ سنڌ جو قوم پرست آخر چونڊون ڇو نٿو کٽي سگهي جڏهن تہ بلوچستان جو قومپرست واضح نموني ڪامياب ٿئي ٿو اسيمبلين ۾ پهچي ٿو ۽ حڪومت سازي جو بہ حصو بڻجي ٿو سنڌ جو شاهہ زين شاهہ روشن ٻرڙو اياز لطيف پليجو ۽ ڊاڪٽر قادر مگسي جو هن ڀيري بہ اسيمبلي تائين نہ پهچڻ ۽ لاڳيتو هارائڻ سنڌ جي ماڻهن جي بدقسمتي چئجي يا سنڌي قومپرست سياست کي ٽڏي چڪا آهن هن ڀيري قومپرستن ۾ ولولو هو ۽ سندن چونڊ مهم بہ اڳيري هئي پر گهٽ ووٽ پوڻ ۽ سندن شڪست سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ڪنهن صدمي کان گهٽ ناهي جڏهن تہ بلوچستان جو قومپرست ڪامياب ٿيو آهي قومپرست تہ پنهنجي جاءِ تي پر هن ڀيري جي ڊي اي جي اميدوارن جي شڪست بہ سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ۽ پتو پوي ٿو تہ سياسي اتحاد بہ عوام آڏو ڪا اهميت نٿا رکن سنڌ جي قومپرستن ۽ جي ڊي اي جي شامل سمورين پارٽين کي قومي سطح تي هڪ مضبوط سياسي پارٽي قائم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي باقي ڌڙن کي سنڌ جو ووٽر ڪڏهن بہ نہ قبوليندو نہ وري ڪين ووٽ ڏيندو هوئنئن بہ ووٽ وڏيرن جو آهي جيڪي پ پ پ ۾ شامل آهن پ پ پ لاڳيتو چوٿون ڀيرو اسيمبلي ۾ وڃي رهي آهي ۽ اقتدار ماڻيندي پ پ پ اميدوارن کان مهم دوران وڏو پڇاڻو بہ ٿيو پوءِ بہ ووٽ جو پ پ پ ڏانهن وڃڻ هڪ معجزو ڇنجي ۽ عوام چونڊ نتيجن تي آڱريون بہ کڻن ٿا جنهن ۾ شڪ بہ ناهي جو اليڪشن ڪميشن حالتون بہ اهڙيون پيدا ڪيون هيون جنهن ڪري بہ خدشا آهن ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ نتيجن ۾ ڌانڌلي ٿي آهي.

پر قومپرستن سميت جن بہ هارايو آهي تن وڏي تعداد ۾ ووٽن جي فرق سان هارايو آهي جن کٽيو آهي تن بہ وڏي فرق سان کٽيو آهي نہ صرف سنڌ ۾ پر پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ بہ انهن هارايو آهي جن ماضي ۾ ناهي هارايو ڪي پي ڪي ۾ تہ ٽيون ڀيرو پي ٽي آءِ ڪامياب ٿي آهي ۽ ٽيون ڀيرو حڪومت ناهيندي ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ چونڊ نتيجن وسيلي ڪجهہ هيرا ڦيري ضرور ٿي آهي جنهن جا واضح ثبوت بہ آهن پر وڏي پيماني تي چونڊون صاف سٿريون ۽ شفاف ٿيون آهن اها ڳالهہ مڃڻ گهرجي جيڪڏهن وڏي پيماني تي ڌانڌلي ٿئي ها تہ ن ليگ بہ پاڳي تي اڪثريت ضرور ماڻي ها جيڪا ڪيس نہ ملي سگهي البت ڪيس اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ ڪجهہ جلد بازي کان ٽيڪنيڪل تجربو دهرايو ويو آهي جيڪو اليڪشن ڪميشن ۽ طاقتور حلقن کي وائکو ڪري ٿو ن ليگ کي سهولت ضرور ملي آهي جيڪا صاف ظاهر هئي جو ن ليگ سربراهہ جا ڪيس ڏينهن بدران ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ ختم ڪيا ويا ۽ ڪيس وفاق ۽ پنجاب صوبي ۾ لولي لنگڙي حڪومت ڏيڻ جو فيصلو ٿي چڪو آهي جنهن لاءِ پ پ پ ۽ متحده قومي موومينٽ سميت ڪجهہ ٻين ڌرين کي ن ليگ سان سهڪار ڪرڻ جو اڳواٽ اشارو ٿي چڪو آهي باقي ن ليگ کي وڌيڪ ڇا گهرجي جو ڪيس لولي لنگڙي حڪومت ڏئي ٽڏو ڪيو پيو وڃي

چونڊون صاف شفاف ٿيون يا نہ اهو الڳ معاملو آهي عدالتون فيصلو ڪنديون پر ڪوشش ڪجي تہ ووٽ جو احترام ڪجي جيڪو ن ليگ جو نعرو رهيو آهي ۽ ن ليگ کي ان نعري تي قائم رهڻ گهرجي ۽ مخالفن جي مينڊيٽ کي قبول ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ ئي ملڪ جو مفاد آهي باقي ڪنهن ڌر جي مينڊيٽ تي قبضو ڪرڻ جمهوريت نہ چئبي ۽ زوري حڪومتون ناهڻ سان مسئلا پيدا ٿين ٿا جيئن ماضي ۾ ٿيا آهن چونڊيل ميمبرن ۽ پارٽين جي خريد فروخت ۽ وفاداريون بدلائڻ واري ڪڏي واپار کان بهتر آهي تہ پنهنجي شڪست قبول ڪجي لولي لنگڙي سرڪار قبولڻ کان انڪار ڪري ۽ ايندڙ چونڊن لاءِ پارٽي کي تيار ڪجي تہ جيئن عوام ۾ پذيرائي حاصل ڪري سگهجي هن وقت پ پ پ ۽ متحده قومي موومينٽ جيڪي ٽئين ۽ چوٿين نمبر تي آهن تن کي ملڪي مفاد وٽان سوچڻ گهرجي تہ ملڪ جي اصل سگهہ ڪهڙي ڌر کي حاصل آهي قومي ۽ اتحادي حڪومت تڏهن ئي ڪامياب ويندي جڏهن نظرين ۾ ڪجهہ هم آهنگي هجي ملڪي مفاد ۾ اها ڳالهہ آهي تہ آزاد اميدوارن جي ڪاميابي کي تسليم ڪجي جيڪا ڳالهہ ئي جمهوريت جي سونهن آهي

ڪُوئي ڪُهي سُپرِين، ڪُوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

سماجي سائنس جي حقيقت ڇا آهي؟

تحرير: انور پنهور

هنن ۾ ڊاڪٽريٽ تائين ڊگريون ڏيڻ ڊاڪٽر ۽ دانشورن جي لقبن سان نوازيو وڃي ٿو ۽ انهن ٻوتن پرفيسرن جو قد اوچو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ڳڻتي جي ڳالهہ اها آهي. تہ هن وقت سماج جي اندر اسان سڀني انسانن جي چوڌاري جيڪا بہ ڊاهپ پکڙيل آهي، جيڪا بہ سياست (قومي سياست سميت) يا ڪا سماجي خدمت ٿي رهي آهي. اها سموري اهڙي ئي ناقص ڄاڻ ۽ سوچن جي پيداوار آهي. دنيا جون سموريون لائبريريون انهي علم وارن ڪتابن سان ڀريون پيون آهن. دنيا جي سمورين اخبارن، رسالن ۾ جيڪي بہ لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو ۽ انهن تحت جيڪا بہ سماجي راءِ جڙي ٿي، اها هنن علمن جي آڌار تي جڙي ٿي يا دنيا جي سوشل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جيڪي بہ بحث ومباحثو ڪيو وڃي ٿو ۽ پنهنجي من پسند مرضي جي راءِ عامہ جوڙائي وڃي ٿي. اها سڀئي هنن ئي شاخن جو نتيجو آهي.

مطلب تہ هنن سمورين شاخن واري علم جي ڦهلاءُ جو مقصد سرمائيدار طبقي جي اقتدار ۽ ڌرتي جي سمورن معاشي وسيلن مٿان انهن جي ذاتي قبضي کي برقرار رکڻ آهي ان ڪري اهڙي علم کي سرمائيدار طبقي جي مفادن واري تعليم يا طبقاتي تعليم سڏيو وڃي ٿو حقيقت ۾ اهڙي تعليم کي علم چوڻ خود علم جي لفظ توهين آهي يا ان کي سماجي سائنس جي نالي سان سڏڻ خود سائنس جي نفي آهي ڇاڪاڻ تہ سائنس اندر اهڙي ڪنهن بہ قسم جي ڪوڙ، ڌوڪي ۽ غيرمنطقي جي اجازت مليل نہ هوندي آهي. ان ڪري هن طبقاتي تعليم جو هڪ ملڪ يا دنيا جي اڪثريتي عوام خاص ڪري پورهيت طبقي جي جياپي ۽ خوشحالي سان ڪو بہ واسطو نہ آهي انهي ڪري دنيا جي عظيم ڏاهن ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس سرمائيدار طبقي جي هن طبقاتي تعليم کي مڪمل طور تي رد ڪندي، پنهنجي طرفان اصل سماجي سائنس جو علم پيش ڪيو جيڪو سائنس جي اصولن موجب تخليقي، تعميري ۽ پيداواري آهي.

جڏهن تہ بورجوا طبقي پنهنجي حڪمراني جي ذريعي زبردستي لاڳو ڪيل پنهنجي طبقاتي تعليم کي، سماجي سائنس طور بدنام ڪري ڇڏيو هو ان ڪري ڪارل مارڪس جي پيروڪارن ان جي حقيقي سماجي سائنس کي سندس جي نالي سان منصوب ڪندي. ان کي مارڪسزم جو فڪر سڏيو وڃي ٿو

مارڪسزم جو فڪر سماج جي اوسر ۽ ترقي جو علم آهي. ڌرتي* جي سمورن انسانن جي آزادي ۽ خوشحالي جو فڪر آهي. مارڪسزم پنهنجي جوڙجڪ جي حساب سان اهم ٽن سرچشمن، تاريخي ماديت، جدلياتي ماديت ۽ مارڪسي معيشت تي مشتمل آهي. جنهن ۾ پورهيت طبقي جي نجات لاءِ سرمائيدار نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ انقلابي پارٽي تعمير ڪرڻ، ان جي رهنمائي ۾ پورهيتن جو سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻ ۽ انقلاب کان پوءِ هڪ انسان هٿان ٻئي انسان جي ڦرلٽ ۽ استحصال جي خاتمي ۽ انساني خوشحالي ۽ ترقي وارو ڪميونسٽ سماج جوڙڻ جي رٿابندي شامل آهي.

هن عظيم فلسفي تي عمل ڪندي، ڪارل مارڪس جي حياتي ۾ ئي 1871ع ۾ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پئرس شهر جي پورهيتن پنهنجو انقلاب برپا ڪري، ثابت ڪيو تہ پورهيت اقتدار تي قبضو ڪري ڪنهن بہ رياست کي هلائي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ اهو پئرس ڪميون وارو انقلاب صرف 70 ڏينهن هليو هو پر انهي انقلاب جي تجربن، ايندڙ انقلابن جون راهون کولي ڇڏيون هيون. تہ اهي سرمائيداري نظام مان پنهنجي نجات لاءِ سندرو ٻڌن.

تاريخ جي سفر ۾ پيرس ڪميون جي 46 سالن کان پوءِ يعني 1917ع ۾ مارڪسزم جي نظرئي تحت. روس جي سرزمين تي. ڪامريڊ لينن ۽ ٽراٽسڪي جي قيادت ۽ بالشويڪ پارٽي جي رهنمائي ۾ سوويت يونين (پورهيتن جي پنچائتن) نالي سان سوشلسٽ انقلاب برپا ڪيو جيڪو 70 سالن تائين هليو

هن انقلاب انساني سماج جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي. هن انقلاب جي بدولت روس جي سموري سماج جي تعمير ڪرڻ سان گڏ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ برطانيا، فرانس، جرمني ۽ آمريڪا سميت سمورن ترقي يافتہ ملڪن کي پوئتي ڇڏي ڏنو 1957ع ۾ خلا کي فتح ڪرڻ واري پورهيتن جي هي پهرين رياست هئي. ان سان گڏ هتي دنيا جا وڏ ۾ وڏ ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ سائنسدان پيدا ڪيا ويا.

حڪمران طبقن وارو هي طبقاتي تعليم انفرادي طور ڪنهن بہ نوجوان کي هڪ نوڪري تہ ڏيئي سگهي ٿي، پر ان طبقاتي تعليم جو انساني سماج جي ترقي ۽ خوشحالي سان ڪو بہ واسطو نہ آهي. ان لاءِ هتان جي سمورن نوجوانن کي مارڪسزم کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان جي جدوجهد ۾ شموليت ڪرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ اها هڪ تلخ حقيقت آهي. تہ پٺتي پيل ملڪ جي طور تي هتان جي 5 سيڪڙو کان بہ گهٽ شاگردن کي يونيورسٽي سطح تائين تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو جن ۾ بہ 99 سيڪڙو شاگردن کي غربت ۽ محرومي سبب پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي جياپي (Survival) جي جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي. ان ڪري هنن شاگردن جي پهرين اوليت پنهنجي روزگار جي حاصلات هوندي آهي. پر پوءِ بہ هنن نوجوانن کي ڪجهہ گهڙيون ڪڍي سماجي سائنس جي هنن حقيقتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي.

حڪمران طبقن وارو هي طبقاتي تعليم انفرادي طور ڪنهن بہ نوجوان کي هڪ نوڪري تہ ڏيئي سگهي ٿي، پر ان طبقاتي تعليم جو انساني سماج جي ترقي ۽ خوشحالي سان ڪو بہ واسطو نہ آهي. ان لاءِ هتان جي سمورن نوجوانن کي مارڪسزم کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان جي جدوجهد ۾ شموليت ڪرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ اها هڪ تلخ حقيقت آهي. تہ پٺتي پيل ملڪ جي طور تي هتان جي 5 سيڪڙو کان بہ گهٽ شاگردن کي يونيورسٽي سطح تائين تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو جن ۾ بہ 99 سيڪڙو شاگردن کي غربت ۽ محرومي سبب پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي جياپي (Survival) جي جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي. ان ڪري هنن شاگردن جي پهرين اوليت پنهنجي روزگار جي حاصلات هوندي آهي. پر پوءِ بہ هنن نوجوانن کي ڪجهہ گهڙيون ڪڍي سماجي سائنس جي هنن حقيقتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي.

بقايا ✻✻✻ 01

آزاداڻي شرڪت جمهوريت لاءِ سندن عزم جو ثبوت آهي. آرمي چيف چيو تہ ڏکين حالتن باوجود چونڊن لاءِ محفوظ ماحول پيدا ڪرڻ تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا وڌيڪ واکاڻ جا حقدار آهن. جنرل سيد عاصم منير چيو آهي تہ ميڊيا، سول انتظاميا ۽ عدلياجي ميمبرن جي تعميري ڪردار جي ڪري ملڪي تاريخ جي سڀ کان وڏي چونڊ مشق کي ڪامياب بڻائڻ ممڪن ٿيو. آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي تہ چونڊون ۽ جمهوريت پاڪستان جي عوام جي خدمت جو ذريعو آهن. اليڪشن کٽڻ ۽ هارائڻ کو مقابلو نہ پر عوامي مينڊيٽ جو تعين ڪرڻ جي مشق آهي. آرمي چيف چيو آهي تہ جمهوري قوتن جي نمائنده حڪومت ملڪ جي سياست کي قومي مقصد سان گڏ بهتر نموني پيش ڪندي. جنرل سيد عاصم منير چيو آهي تہ پاڪستان جي عوام آئين تي گڏيل اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. سياسي پارٽين کي گهرجي تہ هو سياسي پختگي ۽ اتحاد سان گڏ قوم جي اعتماد جو جواب ڏين. آرمي چيف چيو تہ 25 ڪروڙ آبادي واري ترقي پسند ملڪ لاءِ انتشار مناسب ناهي. خواهش آهي تہ چونڊون سياسي ۽ معاشي استحڪام آڻينديون. دعا آهي تہ هي اليڪشن پاڪستان ۾ امن ۽ خوشحالي آڻي.

بقايا ✻✻✻ 02

ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف 170 سيٽون کٽي چڪي آهي. فارم 45 موجب پي ٽي آءِ کي 170 سيٽن تي سرسي حاصل آهي. 170 مان 94 سيٽون اهي آهن جن جي اليڪشن ڪميشن تصديق ڪئي آهي. هن چيو تہ پنجاب ۾ بہ 135 جي ويجهو سيٽون مليون آهن. پنجاب ۾ بہ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. ڪي پي جي 44 مان 39 اسان کٽيون آهن. بئريسٽر گوهر خان چيو تہ جن 50 سيڪڙو سيٽون بہ نہ کٽيون اهي چون پيا اسان حڪومت ناهينداسين. پي ٽي آءِ جي ڪاميابي تي سڄي قوم کي واڌايون پيش ڪريون ٿا. پاڪستان جي عوام اسان کي دل کولي ووٽ ڏنو آهي. سندس چوڻ هو تہ وفاق ۾ حڪومت ناهڻ اسان جو حق آهي. وفاق ۾ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. گذريل 2 سالن کان پي ٽي آءِ سخت ڏکيائين جو شڪار آهي. اڄ جمهوري تاريخ جو اهم ڏينهن آهي. جمهوريت لاءِ اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکي. جمهوري حق وٺڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن ۾ وياسين. اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن اسان کي ليول پليئنگ فيلڊ مهيا نہ ڪئي. ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ بدران چونڊ نشان بہ کسيو ويو. اسان کي عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن پاران چيو ويو تہ اوهان کي ليول پليئنگ فيلڊ ملندي. پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ هو تہ اسان کي اڪثريت حاصل آهي صدر اسان کي ئي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏيندو. پنجاب جي عوام کي عوامي وڏو وزير ملندو. اڄ رات 12 وڳي تائين سمورن نتيجن جو اعلان نہ ٿيو تہ سڀاڻي احتجاج ڪنداسين. ڪارڪنن کي گذارش آهي تہ احتجاج حق آهي پر اهو پرامن هجڻ گهرجي. جن تڪن ۾ نتيجا روڪيا ويا آهن اتي سڀاڻي پرامن احتجاج ڪنداسين. اڄ رات 12 وڳي تائين روڪيل نتيجن جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 03

84 تي پيپلز پارٽي ڪامياب ٿي وئي آهي. ايم ڪيو ايم 28 ۽ آزاد اميدوار 14 سيٽون کٽي ويا. جي ڊي اي ۽ جماعت اسلامي 2_2 تڪن تي ڪاميابي ماڻي آهي. بلوچستان اسيمبلي ۾ بہ پيپلزپارٽي 11 سيٽن تي ڪاميابي ماڻي صوبي جي سڀ کان وڏي جماعت بڻجي سامهون اچي وئي. مسلم ليگ نواز 9 ۽ جي يو آءِ ف 8 تڪن تي ڪامياب ٿي آهي. بلوچستان ۾ 5 تڪن تي آزاد اميدوارن ڪاميابي ماڻي. بي اي پي 4 تڪ کٽي ورتا. اي اين پي ۽ نيشنل پارٽي بہ 2_2 تڪن تي ڪامياب ٿي ويا

بقايا ✻✻✻ 04

اعلان ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ آهيان. هن چيو تہ جيڪو ٿيڻو هو ٿي چڪو ملڪ جي مفاد ۾ آهي تہ سياسي طور اتفاق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون. سندس چوڻ هو تہ هو اڪيلو نہ حڪومت نہ ناهي سگهندو پر وفاق، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ پ پ جي ڪانسواءِ حڪومت نٿي ٺهي سگهي. هن چيو تہ آزاد اميدوار ڪهڙو فيصلو ڪن ٿا، ان تي بہ عوام جي نظر آهي. پ پ چيئرمين چيو تہ سياسي عدم استحڪام جي حل ڪانسواءِ نهندڙ حڪومت عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. بلاول ڀٽو چيو تہ اسان اسپتال، اسڪول، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت قائم ڪيا. پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تي يقين رکان ٿو بلوچستان ۾ گڏيل حڪومت ناهڻي پوندي. ڪوشش ڪري پهرين 3 مهينن ۾ اين آءِ سي وي ڊي جو يونٽ کوليندس، جيئن بلوچستان جي عوام کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن. اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا جنهن ۾ سياست سياست جي دائري ۾ ئي رهي. سياستدان هڪٻئي جي عزت ڪن. لاهور جي تڪ تي رات تائين اسان کٽي رهيا هئاسين. صبح جو خبر پئي تہ اسان هارائي چڪا آهيون.

بقايا ✻✻✻ 05

اميدوار سڀاڻي نڪرن ۽ پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائين. عمران خان سان جيل ۾ سندس وڪيلن عمير نيازي ۽ بئريسٽر سلمان صفدر ملاقات ڪئي. ملاقات کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي وڪيل عمير نيازي ٻڌايو تہ پي ٽي آءِ باني قوم کي اليڪشن نتيجن تي مبارڪون ڏنيون آهن ۽ چيو آهي تہ قوم نظريي ۽ جمهوريت سان گڏ بيٺي آهي. 1970ع کانپوءِ پهريون ڀيرو عوام ايڏي وڏي انگ ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪيو آهي. وڪيلن موجب، عمران خان پنهنجي پيغام چيو تہ پي ٽي آءِ وفاق، پنجاب ۽ ڪي پي ۾ حڪومت ناهيندي. پي ٽي آءِ باني ملڪ جي سڀ کان وڏي اداري کي اپيل ڪئي آهي تہ قوم سان جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي ان کان وڌيڪ نہ ٿيڻ گهرجي. جن تڪن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا آهن اتي سندن اميدوار سڀاڻي نڪرن پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائين جو تہ جمهوري عمل ۾ ووٽ جي عزت آهي. ووٽ چوري ٿئي تہ احتجاج ڪيو. وڪيلن موجب، عمران خان چيو تہ اسان جي معيشت تباهہ ٿي چڪي آهي. سياسي عدم استحڪام نہ هجڻ گهرجي. پاڪستان کي بند گهٽي ۾ نہ ڌڪيو وڃي. پري پول ڌانڌلي ۽ ادارن کي استعمال ڪيو ويو. ادارا ڪمزور ٿي چڪا آهن. نواز شريف سدائين حڪومت کي بئنڪ ڪرپٽ ڪيس يا پنجاهہ سيٽن وارو فتح جو اعلان ڪري سگهي ٿو؟ پي ٽي آءِ جي مينڊيٽ جو احترام ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 06

آهي تہ حڪومت ڪنهن کي ڏيڻي آهي. پرڏيهي خبررسان اداري سان ڳالهائيندي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو تہ جيڪا ڌر سادي اڪثريت ظاهر ڪندي حڪومت ناهيندي. پارليامينٽ کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ حڪومت ڪنهن کي ڏيڻي آهي. سندس چوڻ هو تہ حڪومت جي بنيادي ذميواري عوام جو تحفظ ۽ سلامتي آهي. ملڪ دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي. دهشتگردي جي ڪارروائي روڪڻ جو اثرائتو طريقو مواصلاتي ذريعن جي بندش آهي. وزيراعظم چيو تہ ٻن صوبن ۾ دهشتگردي وارن واقعن باوجود ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ جو تناسب سٺو رهيو. عوام پاران غيرمعمولي حالتن ۾ وڏي انگ ۾ چونڊ عمل ۾ حصو وٺڻ مضبوط جمهوريت جي عڪاسي آهي. هن چيو تہ آئين ۽ قانون پٺاندڙ سياسي پارٽين ۾ جمهوري عمل ضروري آهي. نگران وزيراعظم چيو تہ عدالتي فيصلي اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ سياسي جماعتن کي جمهوري عمل مان گذرڻو پوندو. عدالتي فيصلي جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ جمهوريت وڌيڪ فعال ۽ مضبوط ٿيندي. خواهش آهي تہ حڪومت سازي وارو عمل جلد مڪمل ٿئي. هنيئر تائين جي نتيجن موجب هڪ اتحادي حڪومت لهندي نظر اچي رهي آهي. سياسي جماعتن کي گڏيل ڳالهين ذريعي هڪ نئين حڪومت جي جوڙجڪ ڪرڻي آهي. نئين حڪومت جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيون.

بقايا ✻✻✻ 07

وين. مريم نواز جي ڪاميابي خلاف آزاد اميدوار شهزاد فاروق پاران لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي. درخواست گذار شهزاد فاروق درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو آهي تہ پريزائيڊنگ آفيسرن فارم 45 ناهي ڏنو. ريٽرننگ آفيسر بہ نتيجو جوڙيندي نوٽيس ناهي ڏنو. ريٽرننگ آفيسر جي غير موجودگي ۾ نتيجو جوڙي جاري ڪيو ويو. آزاد اميدوار درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو تہ مريم نواز کان کٽي چڪو هيس پر ڌانڌلي ڪري هارايو ويو. عدالت ريٽرننگ آفيسر کي فارم 47 ٻيهر جوڙڻ جو حڪم ڏئي ۽ مريم نواز جي ڪاميابي ڪالعدم قرار ڏني وڃي.

بقايا ✻✻✻ 08

وڃي. سندس چوڻ هو تہ هي ماڻهو چونڊ عمل جي مونجهارن کي ٿا ڄاڻن. هي بيان ان ترديد نہ ٿيڻ جوڳي حقيقت کي نظرانداز ڪري رهيا آهن تہ پاڪستان ۾ چونڊون پرامن ۽ ڪاميابيءَ سان ڪرايون ويون. پرڏيهي کاتي جي ترجمان چيو تہ چونڊن دوران پاڪستان سنگين سڪيورٽي خطرن کي منهن ڏنو آهي. ڪجهہ بيان حقيقت تي ٻڌل بہ نہ هئا. پولنگ ڏينهن ملڪ ۾ انٽرنيٽ بند نہ هئي رڳو موبائل سروس دهشتگردي جي واقعن کان بچڻ لاءِ بند ڪئي وئي هئي. ترجمان چيو تہ ڪيترائي ماڻهو جيڪي خدشا ظاهر ڪري رهيا هئا اهي سڀ غلط هئا. پاڪستان هڪ مستحڪم ۽ جمهوري معاشري جي تعمير جي عزم تحت چونڊ ڪرائي. ممتاز زهرا بلوچ چيو تہ پاڪستان پنهنجي دوستن جي بهتر مشورن کي اهميت ڏيندو آهي پر چونڊ عمل جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ناڪاري تبصرو ڪرڻ بي بنياد ۽ صحيح ناهي.

بقايا ✻✻✻ 09

تہ اليڪشن مئنيجمينٽ سسٽم چونڊن واري ڏينهن درست ڪم نہ ڪيو. ڪجهہ اميدوارن ۽ ميڊيا جي نمائندن تي تشدد جا اطلاع بہ مليا آهن. ووٽن جي ٽرن آئوٽ ۾ اضافو نظر آيو. پرڏيهي مبصرن پاران وڏي سياسي جماعت کان چونڊ نشان واپس وٺڻ تي ڳڻتي جو اظهار بہ ڪيو ويو. ڪامن ويلٿ وفد جي سربراهہ ڊاڪٽر گڊ لڪ جوناٿن چيو تہ اسان جي نمائندن مختلف شهرن ۾ رهي چونڊن جو مشاهدو ڪيو. اليڪشن ڪميشن جي ڪارڪردگي واکاڻ جوڳي رهي، فائينل رپورٽ ۾ پولنگ ۽ ٻين معاملن بابت شڪايتن جو ذڪر بہ ڪنداسين.

بقايا ✻✻✻ 10

۾ ڪاميابي کي چئلينج ڪيو ويو آهي. اين اي 248 مان آزاد اميدوار ارسلان خالد سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ خالد مقبول صديقي جي ڪاميابي خلاف درخواست داخل ڪرائي آهي. درخواست گذار درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ فارم 45 موجب 65 هزار ووٽ کنيا. آر او فارم 47 ۾ ايم ڪيو ايم جي خالد مقبول صديقي کي ڪامياب قرار ڏنو. فارم 47 کي معطل ڪري نتيجو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 11

جي ٻڌڻي دهشتگردي توڙ عدالت جي جج ملڪ اعجاز آصف ڪئي. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ وڪيل شيراز احمد رانجها عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ ٻارنهن ڪيسن ۾ ضمانت جي درخواست ڪئي جڏهن تہ پراسيڪيوشن طرفان مهلت جي استدعا ڪئي وئي جيڪا عدالت رد ڪري ڇڏي. دهشتگردي توڙ عدالت سمورن 12 ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ شاهہ محمود قريشي جي ضمانت منظور ڪرڻ جو حڪم ٻڌائي ڇڏيو.

بقايا ✻✻✻ 12

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ نواز شريف جي ڪاميابي خلاف درخواست داخل ڪئي آهي. درخواست ۾ ريٽرننگ آفيسرن ۽ اليڪشن ڪميشن سميت ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ نواز شريف فارم 45 موجب اليڪشن هارائي چڪو آهي. ياسمين راشد پنهنجي درخواست ۾ الزام لڳايو آهي تہ نواز شريف گٺ جوڙ سان فارم 47 ۾ پاڻ کي فاتح قرار ڏنو. عدالت فارم 45 موجب نتيجا جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي.

بقايا ✻✻✻ 13

وين نتيجن جي اعلان ۾ دير سبب ساک تي سوال اٿي رهيا آهن. فري اينڊ فيئر اليڪشن نيٽ ورڪ جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ 28 سيڪڙو پولنگ اسٽيشنز تي آفيسرن مبصرن کي فارم 45 جي ڪاپي نہ ڏني. فافن جي رپورٽ موجب ملڪ ۾ ووٽن جو ٽرن آئوٽ 48 ڏهائي 2 سيڪڙو رهيو 25 تڪن ۾ رد ڪيل ووٽن جو مارجن کٽڻ واري مارجن کان وڌيڪ هو 16 لک بيلٽ پيپرز رد ڪيا ويا. گذريل چونڊن ۾ بہ ابتدائي ووٽ رد ڪيا ويا هئا. فافن جي چيئرپرسن مسرت قديم ميڊيا کي رپورٽ بابت بريفنگ ڏيندي چيو تہ چونڊن سان ملڪ ۾ بي يقيني جو دور ختم ٿي ويو. ملڪ جي 130 تڪن ۾ آر اوز پاران مبصرن کي مشاهدو ڪرڻ نہ ڏنو ويو اسلام آباد ۾ 3، پنجاب ۾ 73 ۽ سنڌ ۾ 21 آر اوز آفيسز تائين مبصرن کي رسائي نہ ڏني وئي، ڪي پي ۾ 17 ۽ بلوچستان ۾ 11 آر او آفيسز ۾ مبصرن کي اچڻ نہ ڏنو ويو

بقايا ✻✻✻ 14

آزاد اميدوار هوندا. سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ناصر شاهہ چيو تہ سنڌ ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ ڪنهن جي ضرورت نہ پوندي. پيپلز پارٽي ٻين جماعتن جي مينڊيٽ جو احترام ڪري ٿي. هن چيو تہ اڪثريت باوجود حڪومت سازي تي ٻين جماعتن سان ڳالهائينداسين. اسان کي بہ فارم 45 دير سان مليا جنهن تي ڳڻتي آهي. اسان جي ترجيح پي ٽي آءِ ڪانسواءِ ٻيا آزاد اميدوار هوندا. ناصر شاهہ چيو تہ بئريسٽر گوهر سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي. اهي بہ هڪ جماعت آهن.

بقايا ✻✻✻ 15

اسيمبلي جون 144 سيٽون کٽي ميدان ماري ورتو جڏهن تہ آزاد اميدوارن بہ پنجاب اسيمبلي جون 129 سيٽون کٽي ورتيون آهن. اليڪشن ڪميشن جي نتيجن موجب پيپلز پارٽي پنجاب اسيمبلي ۾ 10 سيٽن تي ڪاميابي ماڻي. ق ليگ پنجاب اسيمبلي جي 8 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي. ٽي ايل پي 2، آءِ پي پي ۽ مسلم ليگ ضياءِ 1.1 سيٽ کٽي.

بقايا ✻✻✻ 16

پارٽي 54. ايم ڪيو ايم پاڪستان 17. ق ليگ ۽ جي يو آءِ 3.3 سيٽون حاصل ڪيون آهن جڏهن تہ استحڪام پاڪستان پارٽي، مسلم ليگ ضياءِ، اي اين پي، بي اين پي ۽ ايم ڊبليو ايم جي 1.1 سيٽ کٽي آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل نتيجن موجب، آزاد اميدوار قومي اسيمبليءَ جي 99 تڪن تي ڪاميابي ماڻي سڀني کان اڳتي آهن جڏهن تہ 71 سيٽون کٽي ن ليگ سڀ کان وڏي پارٽي بڻجي اڀري آهي. واضح رهي تہ 8 فيبروري تي ملڪ ۾ ٿيندڙ عام چونڊن کانپوءِ اڃا تائين مڪمل نتيجا سامهون ناهن آيا جڏهن تہ ڪجهہ پارٽين چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام مڙهي رهيون آهن.

بقايا ✻✻✻ 17

پاڪستان هن بحران کان بچي وڃي ها. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي ٽوئيٽ ڪندي صدر عارف علوي چيو تہ اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين لاءِ سندن جدوجهد کي ياد رکيو ويندو. هن چيو تہ اي وي ايم ۾ ڪاغذي بيلٽ هئا. جنهن کي هٿ سان ڳڻي سگهجي پيو پر هن ۾ هڪ اليڪٽرانڪ ڪيلڪوليٽر ڪائونٽر بہ هو. صدر عارف علوي چيو تہ اي وي ايم ۾ هر ووٽ لاءِ دٻائڻ واري بٽڻ سان گڏوگڏ ڳڻپ جي سهولت بہ موجود هئي. هر اميدوار جو نتيجو پولنگ ختم ٿيڻ جي پنجن منٽن اندر دستياب هجي ها ۽ پرنٽ بہ ٿي وڃي ها. هن چيو تہ اي وي ايم سسٽم لاءِ هنن ايوان صدر ۾ 50 کان وڌيڪ گڏجاڻيون ڪيون جيڪي ناڪام ٿي ويون.

بقايا ✻✻✻ 18

نتيجن کي رد ڪيون ٿا. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سيد زين شاهہ چيو تہ چونڊن واري ڏينهن موبائيل فون سروس بند ڪري وڏي ڌانڌلي ڪئي وئي. ڊي آر او ۽ پريزائيڊنگ آفيسرن جي سهڪار سان قومي ۽ صوبائي تڪن ۾ ڌانڌلي ڪئي وئي. هن چيو تہ اسان ڌانڌلي وارن چونڊ نتيجن کي رد ڪيون ٿا. هن فراڊ واري اليڪشن خلاف سخت احتجاج ڪنداسين ۽ ٽربيونل ۾ بہ وينداسين.

بقايا ✻✻✻ 19

ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو حليم عادل شيخ متحده اميدوار صادق افتخار جي ڪاميابي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي آهي. حليم عادل شيخ درخواست ۾ چيو آهي تہ فارم 45 موجب 71 هزار کان وڌيڪ ووٽ کنيا آهن. فارم 47 ۾ نتيجن جي ڦيرڦار ڪندي ايم ڪيو ايم جي اميدوار 54 هزار ووٽن سان ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي. متحده اميدوار جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن روڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 20

جي جج ملڪ اعجاز آصف ڪئي. پراسيڪيوشن طرفان عدالت ۾ ڪو بہ پيش نہ ٿيو جڏهن تہ شيخ رشيد احمد جا وڪيل سردار عبدالرزاق ۽ سردار شهباز عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران شيخ رشيد جي وڪيلن طرفان ضمانت جي درخواست ڏني وئي جيڪا عدالت ٻہ لک رپين جي مچلڪن عيوض منظور ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 12 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ✻✻✻ 21

هو پنهنجي ساٿين سان گڏ چونڊ نتيجن ۾ دير تي ميران شاهہ ڪينٽ گيٽ آڏو احتجاج ڪري رهيو هو پوليس طرفان محسن داوڙ جي زخمي هجڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي مظاهرو ڪندڙن ٻڌايو تہ اتر وزيرستان ۾ چونڊ نتيجن ۾ دير خلاف احتجاج ڪيو پئي ويو. پوليس فائرنگ ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي شيلنگ ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ محسن داوڙ جي حالت خطري کان ٻاهر آهي جڏهن تہ ڪيس ۽ سندس زخمي ساٿين کي ميران شاهہ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 22

سيف کي پي ڪي ۾ حڪومت سازي لاءِ جماعت اسلامي سان رابطو ڪري ورتو ذريعن موجب، حڪومت سازي لاءِ ڪي پي ۾ آزاد ميمبرن جي جماعت اسلامي سان ڳالهہ ٻول ٿي آهي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي جماعت اسلامي پشاور جي امير بحر الله خان ايڊووڪيٽ رابطن جي تصديق ڪئي. بحر الله خان پي ٽي آءِ قيادت سان بظاهرا رابطي جي تصديق ڪندي چيو تہ بئريسٽر سيف سان صوبي ۾ حڪومت ناهڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي.

بقايا ✻✻✻ 23

28 هزار تائين پهچي ويو. 67 هزار کان وڌيڪ زخمي آهن. عرب ميڊيا موجب، خان يونس ۾ النصر اسپتال تي حملا جاري آهن جڏهن تہ يهودي فوج وچ غزه ۾ اسڪول تي بمباري ڪئي جنهن ۾ ڪيترائي معصوم ماڻهو شهيد ٿي ويا. ٻئي پاسي جنگي جنون ۾ مبتلا اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو يهودي فوج کان رفح تي حملي جو منصوبو گهري ورتو آهي. نيتن ياهو فوج کي حڪم ڏنو آهي تہ هو غزه ۾ رفح جي پناهگير علائقي رفح تي حملي جو منصوبو پيش ڪيو وڃي. ٻئي پاسي اسرائيلي ڪارروائين جي حمايت ڪندڙ آمريڪي صدر جوبائيڊن کي هاڻي غزه تي حملن کي حد کان وڌيڪ قرار ڏنو آهي.

بقايا ✻✻✻ 24

خلاف احتجاج جو سلسلو ٻئي ڏينهن بہ جاري آهي. ميڊيا رپورٽن موجب، ڪوئيٽا شهر جي ڊپٽي ڪمشنر، جيڪو ڪوئيٽا ضلعي ۾ قومي اسيمبلي جي 3 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 9 سيٽن لاءِ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر آهي. جي آفيس ٻاهران ٻئي ڏينهن بہ سياسي پارٽين جي ڪارڪنن جو احتجاج جاري آهي. احتجاجي مظاهري ۾ جمعيت علماءِ اسلام، نيشنل پارٽي، هزارہ ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ ٻين سياسي پارٽين جا اميدوار ۽ ڪارڪن شامل آهن. ٻئي پاسي بلوچستان جي ساحلي شهر گوادر ۾ "حق ڏيو تحريڪ" پاران عورتن هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪا مختلف شاهراهن کان ٿيندي ميرين ڊرائيو پهتي. نيشنل پارٽي طرفان ڪيچ ۽ گوادر ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن جي آفيس آڏو مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج سبب اهم شاهراهون بند ٿي ويون آهن.

بقايا ✻✻✻ 25

ڪميشن موجب ڪي پي ڪي ۾ آزاد اميدوار سڀ کان اڳتي آهن جن 91 سيٽون کٽي ورتيون آهن جڏهن تہ جي يو آءِ ٻئي نمبر تي آهي جنهن 8 سيٽون کٽيون آهن. اليڪشن ڪميشن موجب ن ليگ 5، پ پ 4 ۽ جماعت اسلامي ڪي پي اسيمبلي جون سيٽون کٽيون جڏهن تہ پي ٽي آءِ پارليامينٽيرين ۽ عوامي نيشنل پارٽي 1.1 سيٽ تائين محدود آهن. واضح رهي تہ ڪي پي جي ٻن سيٽن تي اميدوارن جي لاڏاڻي سبب اليڪشن نہ ٿي سگهي.

بقايا ✻✻✻ 26

ٿيڻ کان پوءِ امڪاني خطرن کي نظر ۾ رکندي اليڪشن ڪميشن سنڌ جي آفيس جي مين گيٽ تي ڪنڊيدار تارون بہ لڳايون ويون آهن جڏهن تہ ايس ايس پي ڏکڻ ساجد امير سدوزئي پاران اليڪشن ڪميشن سنڌ جي آفيس جو دورو ڪري سڪيورٽي جو جائزو بہ ورتو ويو.

بقايا ✻✻✻ 27

۽ فارم 45 جو نتيجو لاهور هاءِ ڪورٽ چئلينج ڪري ڇڏيو. ريحانا ڊار طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ خواجا آصف گٺ جوڙ ڪري فارم 47 ۾ پاڻ کي فاتح قرار ڏنو. فارم 45 جا نتيجا اسان وٽ موجود آهن. درخواست ۾ عدالت کان فارم 45 موجب نتيجا جاري ڪرڻ ۽ اليڪشن ڪميشن کي حتمي نتيجا جاري ڪرڻ کان روڪڻ استدعا ڪئي وئي آهي.

بقايا ✻✻✻ 28

دوران ايس ايڇ او سرحد محمد علي مهر ۽ 3 ڊرائيور زخمي ٿيا آهن. ڌاڙيلن پوليس تي سڌي فائرنگ ڪري ڏني، گولين لڳڻ سبب ايس ايڇ او محمد علي مهر، ڊرائيور عبدالغفار، زاهد ۽ عبدالشڪور زخمي ٿي پيا. واقعي بعد ڌاڙيل ڪچي فرار ٿي ويا. پوليس واقعي بعد رائونتي جي ڪچي ۾ آپريشن شروع ڪري ڏنو ايس ايڇ او سميت سمورن زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا ✻✻✻ 29

ناهڻ لاءِ اسان وٽ نمبر پورا آهن. آرٽيڪل 17 تحت پنهنجي اميدوار جو گروپ ناهي حڪومت قائم ڪري سگهون ٿا. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي معظم بٽ چيو تہ وفاق ۽ صوبي ۾ اسان اڪثريتي پارٽي آهيون. ڪنهن سان اتحاد ڪري حڪومت ناهڻ بابت ڪجهہ بہ چوڻ وقت کان اڳ هوندو. هن چيو تہ اليڪشن ڪميشن اسان جي اميدوارن کي آزاد چئي رهيو آهي پر پي ٽي آءِ جي نامزد اميدوارن نامزدگي ڪاغذن ۾ پي ٽي آءِ جو ئي حوالو ڏنو جڏهن تہ پي ٽي آءِ پنهنجي اميدوارن کي ٽڪيٽون بہ جاري ڪيون هيون. معظم بٽ ٻڌايو تہ پي ٽي آءِ کي هنيئر تائين ڊي نوٽيفاءِ ناهي ڪيو ويو ۽ مخصوص سيٽن لاءِ بہ اسان فهرست ڏئي ڇڏي آهي. پي ٽي آءِ ترجمان چيو تہ آئين تحت اسان مخصوص سيٽن کي ڪليم ڪري سگهون ٿا. پي ٽي آءِ جو وجود آهي، مخصوص سيٽن لاءِ پي ٽي آءِ فهرست تي اليڪشن ڪميشن غور ڪري.

بقايا ✻✻✻ 30

کي انٽرويو ڏيندي چيو تہ ڊالر کي هٿيار جي طور تي استعمال ڪرڻ سان آمريڪي معيشت متاثر ٿي ۽ سڄي دنيا ۾ آمريڪي طاقت ڪمزور ٿي. ولاديمير پيوٽن چيو تہ ڪجهہ ملڪن جي واپار کي محدود ڪري ۽ اثاثن کي منجمد ڪري آمريڪا دنيا کي غلط سگنل ڏنو اهي آهي اهم سازشو هيون جن آمريڪا جو ڀرم دنيا تي قائم رکيو. پيوٽن جو چوڻ هو تہ 2022ع تائين 80 سيڪڙو روسي پرڏيهي ڏي وٺ ڊالر ۾ ڪئي ويندي هئي جڏهن تہ ٻين ملڪن جي 50 سيڪڙو ڏي وٺ آمريڪي ڊالر ۾ ڪئي ويندي هئي. هاڻ اهو انگ 31 سيڪڙو تائين گهٽجي چڪو آهي جڏهن تہ ٻي ڪرنسي جو استعمال بہ وڌيو آهي. روسي صدر جو وڌيڪ چوڻ هو تہ 2022ع ۾ اسان جي 3 سيڪڙو ڏي وٺ يو آن ۾ هئي جيڪا اڄ 34 سيڪڙو ٿي چڪي آهي.

بقايا ✻✻✻ 31

جڏهن تہ جوابي فائرنگ ۾ ٻئي دهشتگرد مارجي ويا. پوليس موجب، اي ايس آءِ دين محمد اليڪشن ڊيوٽي تان واپس اچي رهيو تہ رستي ۾ اڻڄاتل دهشتگردن مٿس فائرنگ ڪري ڏني. واقعي کانپوءِ علائقي واسين سندن جو پيڇو ڪيو دهشتگردن موٽرسائيڪلن تي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ پوليس ۽ علائقي واسين جوابي ڪارروائي ڪندي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي دهشتگرد مارجي ويا. پوليس موجب، شهيد اي ايس آءِ دين محمد جو مڙهہ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 32

ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف 170 سيٽون کٽي چڪي آهي. فارم 45 موجب پي ٽي آءِ کي 170 سيٽن تي سرسي حاصل آهي. 170 مان 94 سيٽون اهي آهن جن جي اليڪشن ڪميشن تصديق ڪئي آهي. هن چيو تہ پنجاب ۾ بہ 135 جي ويجهو سيٽون مليون آهن. پنجاب ۾ بہ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. ڪي پي جي 44 مان 39 اسان کٽيون آهن. بئريسٽر گوهر خان چيو تہ جن 50 سيڪڙو سيٽون بہ نہ کٽيون اهي چون پيا اسان حڪومت ناهينداسين. پي ٽي آءِ جي ڪاميابي تي سڄي قوم کي واڌايون پيش ڪريون ٿا. پاڪستان جي عوام اسان کي دل کولي ووٽ ڏنو آهي. سندس چوڻ هو تہ وفاق ۾ حڪومت ناهڻ اسان جو حق آهي. وفاق ۾ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. گذريل 2 سالن کان پي ٽي آءِ سخت ڏکيائين جو شڪار آهي. اڄ جمهوري تاريخ جو اهم ڏينهن آهي. جمهوريت لاءِ اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکي. جمهوري حق وٺڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن ۾ وياسين. اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن اسان کي ليول پليئنگ فيلڊ مهيا نہ ڪئي. ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ بدران چونڊ نشان بہ کسيو ويو. اسان کي عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن پاران چيو ويو تہ اوهان کي ليول پليئنگ فيلڊ ملندي. پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ هو تہ اسان کي اڪثريت حاصل آهي صدر اسان کي ئي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏيندو. پنجاب جي عوام کي عوامي وڏو وزير ملندو. اڄ رات 12 وڳي تائين سمورن نتيجن جو اعلان نہ ٿيو تہ سڀاڻي احتجاج ڪنداسين. ڪارڪنن کي گذارش آهي تہ احتجاج حق آهي پر اهو پرامن هجڻ گهرجي. جن تڪن ۾ نتيجا روڪيا ويا آهن اتي سڀاڻي پرامن احتجاج ڪنداسين. اڄ رات 12 وڳي تائين روڪيل نتيجن جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 33

سي ۽ ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويو جيڪو جلسي جي شڪل اختيار ڪري ويو ڪي جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر فهميدا مرزا ڪ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا امير آزاد پنهور ۽ ڊاڪٽر مير عبد الله ٽالپر حسنين مرزا حسام مرزا خطاب ڪندي چيو تہ اڄ ڪي پي ڪي ۽ پنجاب سميت ملڪ جون خراب حالتن جي ذميوار اليڪشن ڪميشن آهي هنن چيو تہ اسان چونڊن کان پهرين خدشا ظاهر ڪيا هئا تہ سنڌ جي ڪامورن جي نگراني ۾ چونڊون نہ ڪرايون وڃن ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا ڪامورا عوام جا نہ پر زرداري جا نوڪر آهن ۽ اڄ اهو ثابت ٿي ويو تہ نہ صرف سنڌ جا ڪامورا پر اليڪشن ڪميشن ۽ ڪجهہ ٻيا ادارا بہ ان جا ذميوار آهن هنن چيو تہ سنڌ ۾ ڌانڌلي جا رڪارڊ ٽوڙيا ويا آهن پولنگ اسٽيشنن تي پ پ جي وڏيرن جي ذاتي ملازمن کي پرزائيڊنگ آفيسر ڪري ويهاريو ويو ۽ عورتن جي پولنگ اسٽيشنون مردن جي حوالي ڪيون ويون جتي عورتن جي کلي عام تذليل ڪئي وئي جنهن تي اليڪشن ڪميشن ايس ايس پي ۽ ڊي آر او خاموش تماشائي بڻيل رهيا هنن چيو تہ بلاول چند سيٽن خاطر سنڌ ۽ سنڌ جي نياڻين جي تذليل ڪرائي آهي هنن چيو تہ اڃان چونڊن جا نتيجا ظاهر نہ ٿا پر بلاول پهرين اسلام آباد پهچي ويو حڪومت جي جوڙ توڙ ڪرڻ هنن چيو تہ سنڌ کي ڪالوني جيان ٽريٽ نہ ڪيو وڃي سنڌ کي مجبور نہ ڪريو تہ ملڪ جي ٻين صوبن جيان هتي بہ ٻاهر وڃي هنن چيو تہ اسان سنڌ جي عوام جو مينڊيٽ تي ڌاڙو هڻڻ نہ ڏينداسين سنڌ جي عوام کي رڍون ۽ ٻڪريون سمجهڻ ڇڏي ڏيو هنن چيو تہ اسان ملڪي ادارن کي بہ خبردار ڪريون ٿا تہ هاڻ سنڌ جي ڪان اظهار راءِ جو بہ حق کسيو ويو تہ ان ڪانپگ، جي حالتن جا ذميوار بہ اوهان هوندا هنن ملڪ جي وڏن ۽ قومي ميڊيا جي ادارن جا نالا وٺي انهن کي چيو تہ هو سنڌ جي عوام سان زيادتين کي پنهنجي صحافتي ادارن ذريعي دنيا کي ڏيکارين ت تہ سنڌ هنن چيو تہ اسان 12 فيبروري تي جي ڊي اي جو اجلاس طلب ڪيو آهي جنهن ۾ ڌانڌلين خلاف ڀرپور احتجاج جو لاءِ عمل جوڙيو ويندو ۽ ان سان گڏ اسان عدالتن ۾ بہ ويندا سين اگر اتان اسان کي انصاف نہ مليو تہ اسين سنڌ ۾ ڌمادم مست قلندر ڪنداسين

بقايا ✻✻✻ 34

ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف 170 سيٽون کٽي چڪي آهي. فارم 45 موجب پي ٽي آءِ کي 170 سيٽن تي سرسي حاصل آهي. 170 مان 94 سيٽون اهي آهن جن جي اليڪشن ڪميشن تصديق ڪئي آهي. هن چيو تہ پنجاب ۾ بہ 135 جي ويجهو سيٽون مليون آهن. پنجاب ۾ بہ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. ڪي پي جي 44 مان 39 اسان کٽيون آهن. بئريسٽر گوهر خان چيو تہ جن 50 سيڪڙو سيٽون بہ نہ کٽيون اهي چون پيا اسان حڪومت ناهينداسين. پي ٽي آءِ جي ڪاميابي تي سڄي قوم کي واڌايون پيش ڪريون ٿا. پاڪستان جي عوام اسان کي دل کولي ووٽ ڏنو آهي. سندس چوڻ هو تہ وفاق ۾ حڪومت ناهڻ اسان جو حق آهي. وفاق ۾ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. گذريل 2 سالن کان پي ٽي آءِ سخت ڏکيائين جو شڪار آهي. اڄ جمهوري تاريخ جو اهم ڏينهن آهي. جمهوريت لاءِ اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکي. جمهوري حق وٺڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن ۾ وياسين. اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن اسان کي ليول پليئنگ فيلڊ مهيا نہ ڪئي. ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ بدران چونڊ نشان بہ کسيو ويو. اسان کي عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن پاران چيو ويو تہ اوهان کي ليول پليئنگ فيلڊ ملندي. پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ هو تہ اسان کي اڪثريت حاصل آهي صدر اسان کي ئي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏيندو. پنجاب جي عوام کي عوامي وڏو وزير ملندو. اڄ رات 12 وڳي تائين سمورن نتيجن جو اعلان نہ ٿيو تہ سڀاڻي احتجاج ڪنداسين. ڪارڪنن کي گذارش آهي تہ احتجاج حق آهي پر اهو پرامن هجڻ گهرجي. جن تڪن ۾ نتيجا روڪيا ويا آهن اتي سڀاڻي پرامن احتجاج ڪنداسين. اڄ رات 12 وڳي تائين روڪيل نتيجن جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 35

ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف 170 سيٽون کٽي چڪي آهي. فارم 45 موجب پي ٽي آءِ کي 170 سيٽن تي سرسي حاصل آهي. 170 مان 94 سيٽون اهي آهن جن جي اليڪشن ڪميشن تصديق ڪئي آهي. هن چيو تہ پنجاب ۾ بہ 135 جي ويجهو سيٽون مليون آهن. پنجاب ۾ بہ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. ڪي پي جي 44 مان 39 اسان کٽيون آهن. بئريسٽر گوهر خان چيو تہ جن 50 سيڪڙو سيٽون بہ نہ کٽيون اهي چون پيا اسان حڪومت ناهينداسين. پي ٽي آءِ جي ڪاميابي تي سڄي قوم کي واڌايون پيش ڪريون ٿا. پاڪستان جي عوام اسان کي دل کولي ووٽ ڏنو آهي. سندس چوڻ هو تہ وفاق ۾ حڪومت ناهڻ اسان جو حق آهي. وفاق ۾ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. گذريل 2 سالن کان پي ٽي آءِ سخت ڏکيائين جو شڪار آهي. اڄ جمهوري تاريخ جو اهم ڏينهن آهي. جمهوريت لاءِ اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکي. جمهوري حق وٺڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن ۾ وياسين. اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن اسان کي ليول پليئنگ فيلڊ مهيا نہ ڪئي. ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ بدران چونڊ نشان بہ کسيو ويو. اسان کي عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن پاران چيو ويو تہ اوهان کي ليول پليئنگ فيلڊ ملندي. پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ هو تہ اسان کي اڪثريت حاصل آهي صدر اسان کي ئي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏيندو. پنجاب جي عوام کي عوامي وڏو وزير ملندو. اڄ رات 12 وڳي تائين سمورن نتيجن جو اعلان نہ ٿيو تہ سڀاڻي احتجاج ڪنداسين. ڪارڪنن کي گذارش آهي تہ احتجاج حق آهي پر اهو پرامن هجڻ گهرجي. جن تڪن ۾ نتيجا روڪيا ويا آهن اتي سڀاڻي پرامن احتجاج ڪنداسين. اڄ رات 12 وڳي تائين روڪيل نتيجن جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 36

آزاداڻي شرڪت جمهوريت لاءِ سندن عزم جو ثبوت آهي. آرمي چيف چيو تہ ڏکين حالتن باوجود چونڊن لاءِ محفوظ ماحول پيدا ڪرڻ تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا وڌيڪ واکاڻ جا حقدار آهن. جنرل سيد عاصم منير چيو آهي تہ ميڊيا، سول انتظاميا ۽ عدلياجي ميمبرن جي تعميري ڪردار جي ڪري ملڪي تاريخ جي سڀ کان وڏي چونڊ مشق کي ڪامياب بڻائڻ ممڪن ٿيو. آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي تہ چونڊون ۽ جمهوريت پاڪستان جي عوام جي خدمت جو ذريعو آهن. اليڪشن کٽڻ ۽ هارائڻ کو مقابلو نہ پر عوامي مينڊيٽ جو تعين ڪرڻ جي مشق آهي. آرمي چيف چيو آهي تہ جمهوري قوتن جي نمائنده حڪومت ملڪ جي سياست کي قومي مقصد سان گڏ بهتر نموني پيش ڪندي. جنرل سيد عاصم منير چيو آهي تہ پاڪستان جي عوام آئين تي گڏيل اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. سياسي پارٽين کي گهرجي تہ هو سياسي پختگي ۽ اتحاد سان گڏ قوم جي اعتماد جو جواب ڏين. آرمي چيف چيو تہ 25 ڪروڙ آبادي واري ترقي پسند ملڪ لاءِ انتشار مناسب ناهي. خواهش آهي تہ چونڊون سياسي ۽ معاشي استحڪام آڻينديون. دعا آهي تہ هي اليڪشن پاڪستان ۾ امن ۽ خوشحالي آڻي.

بقايا ✻✻✻ 37

ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف 170 سيٽون کٽي چڪي آهي. فارم 45 موجب پي ٽي آءِ کي 170 سيٽن تي سرسي حاصل آهي. 170 مان 94 سيٽون اهي آهن جن جي اليڪشن ڪميشن تصديق ڪئي آهي. هن چيو تہ پنجاب ۾ بہ 135 جي ويجهو سيٽون مليون آهن. پنجاب ۾ بہ تحريڪ انصاف حڪومت ناهيندي. ڪي پي جي 44 مان 39 اسان کٽيون آهن. بئريسٽر گوهر خان چيو تہ جن 50 سيڪڙو سيٽون بہ نہ کٽيون اهي

بقايا سنڌيار 01

جي وڏي اٽڪ آئي بي اي پبلڪ اسڪول ملٽري روڊ سکر پاهران ريلي ڪڍي. احتجاجي ڌرڻو هڻي اليڪشن ڪميشن سميت انتظاميہ خلاف سخت نعريبازي ڪئي. مظاهري ۾ جمعيت علماء اسلام ضلعي سکر جي سيڪريٽري جنرل حضرت مولانا محمد صالح انڊڙ، مفتي سعود افضل هاليجوي، جي يو آءِ جي نامزد اميدوار مير مبين خان بلو شامل هئا. ريلي ۾ امير بخش عرف مير مهر، غلام الله هاليجوي، حافظ عبدالحميد مهر، قاري لياقت علي مغل، مفتي اعظم مهر ۽ ٻيا شامل هئا. ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جي يو آءِ جا جهنڊا کنيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته هي اليڪشن نه پر اليڪشن آهي، جيڪو قابل قبول نه آهي. اليڪشن ڪميشن سمورن ٽڪن ۾ من پسند نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو عوام جي ووٽن جي خيانت آهي ووٽ ملڪ جي امانت ، انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پرزائيڊنگ آفيسر طرفان ايجنٽن کي فارم 45 به نه ڏنو ويو، علامہ راشد محمود سومرو چيو ته اليڪشن ڪميشن اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو آهي. پولنگ ايجنٽن جي شڪايت تي سڄي سنڌ ۾ پولنگ اسٽيشنن تي ڪين ڌمڪايو ويو. خاص ڪري سکر جي ٽڪ پي ايس 22 ۾ اسان جي اميدوار کي جاتي واڻي هارايو ويو آهي ۽ ڪتيل ووٽ ضايع ڪيا ويا. اسان هن ڌانڌلي واري اليڪشن کي رد ڪريون ٿا. اسان مٿين اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته اليڪشن ڪميشن سکر طرفان ڪيل ڌانڌلي واري عمل جو فوري طور تي نوٽيس ورتو وڃي ۽ پي ايس 22 سميت ٻين ٽڪن ۾ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ ڪرائي عوام ۽ ڪارڪنن ۾ پکڙيل بيچيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. اليڪشن ڪميشن جي ڌانڌلي خلاف هزارين ته پر لکين ڪارڪن روڊن تي هوندا. جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل ڪاتن تي عائد ٿيندي.

بقايا سنڌيار 02

ضرورت نه پوندي. پيپلز پارٽي کي سنڌ ۾ واضح اڪثريت هجڻ باوجود حڪومت ٺاهڻ لاءِ ٻين پارٽين جي مينڊيٽ جو به احترام ڪندي آهي، فارم 45 به دير سان مليا. جيڪو ڳڻتي جوڳو عمل آهي. جيڪي آزاد ميمبر پي ٽي آءِ ڪان ڌار ٿي ويا آهن انهن سان رابطا شروع ڪري ڇڏيا آهن جيڪا اسان جي اولين ترجيح آهي پي ٽي آءِ ڪانسواءِ ٻين آزاد اميدوارن ۽ بئريسٽر گوهر سان به ڳالهيون ڪنداسين اها پڻ هڪ پارٽي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي رهائشگاهه تي مبارڪ باد ڏيڻ وارن سان ملاقات ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو سيد ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته بلوچستان جو وڏي وزير به پيپلز پارٽي جو هوندو ان جا نتيجا سڀني جي سامهون آهن. جي يو آءِ کي تسليم ڪيو ٿا هو هڪ جماعت آهي جي يو آءِ سنڌ ۾ تمام گهڻي محنت ڪئي پر اهي ناڪام ٿي ويا . پيپلزپارٽي خلاف ڀرپور اتحاد ٺاهيو جنهن کي ن ليگ جي به حمايت حاصل هئي پر اليڪشن هارائي ويا. اليڪشن واري ڏينهن ڪجهه پول تان تنديون شڪايتون مليون هيون اليڪشن ڪميشن خدشا دور ڪيا پيپلز پارٽي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ به حڪومت ٺاهيندي

بقايا سنڌيار 03

وٺڻ ڪان ڪتوجواب. تفصيل موجب ملير لڳ لانڊي ٿاڻي جي حد بابر مارڪيٽ جي بباغي چوڪ جي قائم واڙي تي مينهن چوري جو انوکو واقعو پيش آيو آهي. ان سلسلي ۾ واڙي جي مالڪن ٻڌايو آهي ته رات جو لڳ ڀڳ 4 وڳي 26 هٿيار بند سندن واڙي ۾ گهڙي آيا ۽ واڙي تي ڪم ڪندڙ گوالن سميت ٻڻ همراهن کي هٿيارن جي زور تي قابو ۾ آڻي واڙي ۾ ٻڌل 95 مينهون ڪولي ڪاهي ويا. سندن چوڻ هو ته هو گوالن تي تشدد پڻ ڪندا رهيا ۽ محمد خان ۽ عبدالسبحان نالي نوجوانن کي به مبينا طور اغوا ڪري وٺي ويا. واڙي مالڪن الزام هڻندي چيو ته جڏهن اسان قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايس ايچ او لانڊي شمشاد چاچڙ وٽ پهتاسين ته هن ڪيس داخل ڪرڻ ڪان ڪتوجواب ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته ايس ايچ او لانڊي رابطو ڪرڻ تي واقعي جا تفصيل ڏيڻ ڪان پڻ انڪار ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 04

جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان الزام لڳائيندي چيو ته ملڪ ۾ رڪارڊ ڌاندلي ٿي جنهن تي ڪنهن جي به اک نه کولي ۽ اليڪشن ڪميشن سنڌ جي آفيسرن به گهٽ نه ڪيو حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسان جي ڪتيل اميدوارن کي ٻي ڏينهن تي هارائي پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو ويو جڏهن ته اهڙا ڪيترا مثال اکين جي سامهون موجود آهن هن چيو ته اليڪشن ڪميشن جي ملي ڀڳت سان سڄو سسٽم ٻهرين تيار ٿيل هو جنهن تي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ٿا ڪيون

بقايا سنڌيار 05

وڪيل صلاح الدين پنهور سان گڏ عدالت پهتي.ڪيس ۾ نامزد جوابدار سردار احمد چانڊيو برهان خان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايچ او ڪريم بخش چانڊيو به عدالت ۾ پيش، جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار جوابدار علي گوهر، مرتضيٰ، سڪندر چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو کي پوليس ڪسٽڊي ۾ جيل ڪان دادو عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت ۾ ام رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر ڪان جوابدار ڌر جي وڪيل آڏي پڇا ڳاڇا ڪئي جنهن بعد دادو عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 16 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ٻاهريان ام رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڊاڪٽرن ڪان آڏي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي آهي عدليہ مان پرُاميد آهيون. پوسٽ مارٽم متعلق اڄ جا ٿيل سوال تمام دردناڪ رهيا. بزدل بي ضمير پوٽار انهن سوال تي اڄ به ٽهڪ ڏئي رهيا آهن. انسان ۾ ڪا شرمساري هوندي آهي. مگر هي قاتل آهن هنن ۾ ڪا به انسانيت ناهي يقين آهي ته عدالتون انصاف ڪنديون. سردارن لاءِ رينجرز جي منهنجي سيڪيورٽي مٿي جو سور بڻيل آهي. اهي سڀ حربا ۽ بهانه ڪري سيڪيورٽي واپس ڪرائڻ چاهين ٿا مگر سيڪيورٽي سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت مليل آهي ته جيئن اسان ان سيڪيورٽي ۾ محفوظ طريقي سان عدالت ۾ پيش ٿي سگهون.وڌيڪ رينجرز خلاف جوابدارن جي ڏنل درخواست تي عدالت فيصلو ڪندي.ٻئي طرف ڪيس ۾ جوابدار نامزد سردار چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رينجرز اهلڪارن منهنجي ڪورٽ پيشي دوران تصويرون ڪڍيون آهن. جيڪا مون معزز جج صاحبان کي لکت ۾ شڪايت ڪئي آهي.وڌيڪ عدالت ڪين ڪان پڇائو ڪندي ۽ عدالت مان انصاف جي اميد آهي. جڏهن ته ڪيس جي ٻڌڻي دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا.

بقايا سنڌيار 06

هي جنرل اليڪشن 8 فيبروري 2024 تي ڪرائي وئي اها سنڌ ۽ ملڪ جي تاريخ جي بدترين اليڪشن آهي ان اليڪشن کي مڪمل طور تي جي ڊي اي رد ڪري ٿي. ڌانڌلي ذريعي مون سميت سمورن جي ڊي اي جي اميدوارن کي اليڪشن ۾ هارايو ويو آهي پي ايس 82 دادو جي 171 پولنگ اسٽيشن ووٽن جي نئين سر ڳڻپ ڪرائڻ ۽ بيلٽ پيپر چڪاس ڪرڻ جي درخواست آر او وٽ جمع ڪرائي رهيا آهيون. هنن چيو ته ملڪ ۾ اڳ به جنرل اليڪشن ٿيون آهن پر 8 فيبروري 2024 واري جنرل اليڪشن جنهن جو تاريخ ۾ ڪو به مثال نه ٿو ملي ۽ هر وات وائي آهي ته ڌانڌلي ڪئي وئي آهي اسان پنهنجي اصلي نتيجن جي رزلٽ جيڪا فارم 45 تان حاصل ٿيندي آهي اها به اسان کي اڃان تائين نه ملي سگهي آهي جي ڊي اي جي مرڪزي قيادت جيڪو فيصلو ڪندي اسان ان سان گڏ آهيون. اگر اليڪشن نه سليڪشن ڪرڻي هئي ته پوءِ هي ڊرامو چو رچايو ويو آهي. آءِ دادو پي ايس تي پنهنجي مخالف اميدوار کي چيلينج ٿو ڪيان ته پولنگ وائيز مون سان اليڪشن وڙهي ۽ ڪٽي ويو ته آءِ سياست ڇڏيندس باقي هي سليڪشن آهي دادو جي عوام پيپلزپارٽي کي رد ڪري ڇڏيو آهي اسان هنن خلاف هر محاذ تي جنگ ڪنداسين. دادو ضلعي ۾ جي ڊي اي طرفان بيٺل اميدوارن ۾ اڳوڻو وڏو وزير سنڌ لياقت علي خان جتوئي، اڳوڻو ضلعي ناظم ڪريم علي جتوئي. امداد خان لغاري ۽ آءِ عاشق علي زئور اميدوار هئاسين ۽ ڌانڌلي جوسڀ شڪار ٿيا آهيون اسان جي پولنگ ايجنٽن کي ڪافي هنڌن تان ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ پولنگ اسٽاف جيڪو هڪ ڌر جو مقرر ڪيو ويو هو جن اسان جي ايجنٽن جي پهچڻ ڪان اڳ ئي پنهنجو چونڊ عمل شروع ڪرائي بدترين ڌانڌلي ڪرائي آهي. ٻيهر صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن پ پ پ اميدوارن کي شڪست نصيب ٿيندي ڇاڪاڻ ته عوام پ پ پ جي اميدوارن کان بيزاري ظاهر ڪري چڪو هو جيڪڏهن نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن کي اهڙي چونڊ ڪرائڻي هئي ته بهتر هو اليڪشن جي بجاءِ سليڪشن ڪري حڪومت جوڙي ڇڏين ها.ملڪ ۾ اجايو ٻڙڌوڪ ڪرايو ويو آهي جنهن ڪري سڄي ملڪ ۾ ڌانڌلين جي خلاف عوام روڊن تي نڪري آيو آهي ۽ اڄ جي ڊي اي اهڙي عملي احتجاج جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. اسان آيل نتيجا قبول نه ٿا ڪيون ۽ اسان چيف اليڪشن ڪمشنر آف پاڪستان ۽ نگران حڪومت کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته عدليہ جي نگراني ۾ ٻيهر چونڊون ڪرايون وڃن.ميهڙ ۾ چونڊ عمل دوران هڪ نوجوان کي گوليون هڻي ماريو ويو جڏهن ته اسان جي اميدوار تي پي ايس 80 ڪي اين شاهه ۾ فائرنگ ڪئي وئي. هن سڄي عمل ۾ دادو ايس ايس پي ۽ ڊي آر او ۽ آر او ڌر بڻيل رهيا آهن. پي پي دادو ضلعي جو هر شهر هارايو آهي ته پوءِ هي ڪيئن ڪٽي ويا آهن رات جو اسان ڪٽيو آهي صبح جو نتيجا تبديل ڪري هاريل کي ڪٽرايو ويو آهي،سرڪاري عملو هنن جو غلام بڻجي ڌانڌلي ۾ ملوث آهي.دادو ضلعي ۾ رڪارڊ ڪرپشن ٿي آهي. ٻوڏ متاثرن جا پيسا هاڻ ووٽ وٺڻ لاءِ وڏيرن کي ڏنا ويا جن ووٽ خريد ڪيا آهن. پوري سنڌ اندر رڪارڊ ڌانڌلي ٿي آهي جنهن جي شاهد انٽرنيشنل ميڊيا ۽ عملي ادارا آهن جن پڻ هن اليڪشن تي آواز بلند ڪيو آهي.ان موقعي تي جي ڊي اي جا ڪارڪن وڏي انگ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 07

کي روڪي مارڪيٽ ڪئي. ڳوٺ قاضي قاسم سومرو جي نوجوان سجاد حسين سومرو پنهنجي پيءُ سان گڏجي بااثر وڏيري خلاف احتجاج ڪيو. ان موقعي تي نوجوان چيو ته اٿون شهر ڪان ڳوٺ وڃي رهيو هئس ته رات جو بااثر وڏيري جي چاڙتن روڪي مارڪيٽ ڪئي بعد ۾ وڏيري جي اوطاق تي وٺي ويا جتي هن کي گهڻا ڏينهندي چيو اسان جي غلامي نه ڪئي ته خراب نتيجا نڪرندا. ان موقعي تي نوجوان الزام هڻندي چيو ته مارڪيٽ بعد ڏانهن ڪٽي پوليس اسٽيشن تي ويس ته پوليس فرياد ٻڌڻ بجاءِ ڌڙڪا ڏئي موٽائي ڇڏيو. انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 08

ايڊوڪيٽ امتياز لاکو، عرفان رند، جنرل سيڪريٽري عاقب ٻگهيو، جوائنٽ سيڪريٽري منصور جوکيو، فنانس سيڪريٽري ساجد علي راڄپر، انفارميشن سيڪريٽري ذيشان مصطفي چارڻ ۽ جوائنٽ انفارميشن سيڪريٽري امير علي بروهي کي چونڊيو ويو

بقايا سنڌيار 09

مسلسل اٺ ڏينهن کان هلندڙ پاڻي وهڪرو بند ٿي ويو. ماضيءَ جي شاندار تاريخ رکندڙ زرعي شاخ نڪاسي آب جي گندي نالي ۾ تبديل ٿي بيمارين جي ڦهلاءَ جو سبب بڻجي وئي، گندگي ۽ بيمارين جو شڪار ٿيندڙ مظلوم عوام پاران پاڻي وڪرو ڪندڙ بااثر قبضا مافيا ۽ ڪرپٽ بزدل آبپاشي عملدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري شاخ ۾ دريائي پاڻي وهڪري کي ملڪي قانون موجب بحال ڪري شاخ کي گندي پاڻي جي ڇوڙ ۽ گندگي کان پاڪ ڪري زرعي معيشت ۽ جر کي بهتر ڪرڻ سميت عوام ناس کي بيمارين کان بچايو وڃي، وارهہ جي عوام جو مطالبو واضح هجي ٿو ته مقبوضہ پنا مائينر شاخ آبپاشي، ٽائون ڪاميٽي وارهہ ۽ اسڪارپ عملدارن جي قبضي هيٺ آهي، آبپاشي عملدار شاخ جي منڊ واري حصي تي قابض آهن جتي هو فصلن جي موسم ۾ شاخ جي منڊ واري حصي ۾ ڪچہ آرڊيز ۾ پاڻي ڇوڙ ڪري پيسن عيوض رکڪندا آهن. جڏهن شاخ جو شهر واريون آرڊيز وارهہ ٽائون انتظاميہ جي قبضي هيٺ آهن جنهن ۾ هو سموري شهر جو گند ڪچرو اڇلائڻ سميت سموري شهر جو نيڪال جي گندي پاڻي جو ڇوڙ شاخ ۾ ڪندا آهن. جڏهن ته شهر کان ٻاهر شاخ جون بقايا آرڊيز اسڪارپ ڪاتي جي قبضي هيٺ آهن، اسڪارپ جا ڪرپٽ عملدار بااثر زرعي پاڻي وڪرو ڪندڙن جي ملي ڀڳت سان مين ڳهاڙ برين منجهان شاخ کان به وڌا واهہ ڪڍي سم نالي جو ڪارو پاڻي پنا مائينر شاخ ۾ ڇوڙ ڪري شاخ جي بند لڳائي شاخ کي آبتو وهائي سري عام پاڻي پيسن عيوض وڪڻندا رهن ٿا. ۽ اهڙو ظلم گذريل ڳچ عرصي کان هلندڙ آهي. جنهن جو اختتام اعلي اختيارين ۽ اعلي عدالتن جي خصوصي توجهہ بعد ئي ممڪن هجي سگهي ٿو.

بقايا سنڌيار 10

رات ٻيپور بلاڪ سولر پليٽون ڏئي ووٽ ورتا آهن . جي ڊي اي پي ايس 33 جو اميدوار شڪيل خان جلباڻي ان سلسلي ۾ جي ڊي اي اميدوار پي ايس 33 شڪيل خان جلباڻي پنهنجي رهائشگاهه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مخالفن اليڪشن ۾ سرڪاري ملازمن جو گڏجڻ جوڙ ٺاهي رڪارڊ ڌانڌلي ڪئي آهي اليڪشن واري رات مخالفن پي ايس 33 جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سولر پليٽون پيپور بلاڪ لڳرائي ووٽرن کي حراسان ڪري ووٽ خريد ڪري اليڪشن جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي هي تاريخ جي بدترين اليڪشن ثابت ٿي پوليس عملدار نالي ماتر هيا جيڪي صورتحال کي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا اسان جي ايجنٽن کي پولنگ اندر نه ڇڏيو ويو نيٽ ورڪ بند هجڻ ڪري مخالفن رڪارڊ ڌانڌلي ڪئي اسان کي مجبور ڪيو پيو وڃي ته روڊن تي نڪرون ۽ عوام کي ساڻ ڪري پرامن احتجاج ڪيون اگر اهڙي اليڪشن ڪرائڻي هئي ته عوام کي ويڙهائڻ ۽ خوار ڪرڻ جي ضرورت هئي هن وڌيڪ چيو ته جي ڊي اي جي اعلي قيادت سان رابطي ۾ آهيون انشاء الله تمام جلد پنهنجو لاحہ عمل جوڙي پر امن احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 11

جي ٽڪيٽ هولڊر ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه ايم اين اي نعمان اسلام شيخ پي ايس 24 جي سيد فرخ خورشيد احمد شاهه ايم پي اي جي اميدوار سيد ناصر حسين شان ايم پي اي سيد اويس قادر شاهه کي اليڪشن 2024 جي ڪاميابي دل جي گهراين سان مبارڪ آباد پيش ڪيون ٿا سچل شائين رحمت الله شيخ ويلفيئر ايسوسيشن سکر جي سرپرست اعليٰ حاجي گلزار احمد شيخ جنرل سيڪريٽري عبدالغنور شيخ ايڊوڪيٽ شهزاد شيخ صدر ويئس چيئرمين هادي بخش شيخ ليبر ڪونسلر امير بخش شيخ عبدالحميد شيخ ان موقعي ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز سکر سياست جي باد شاهه سيد خورشيد احمد شاهه سيد ناصر حسين شاهه نعمان اسلام شيخ سکر جي عوام لاءِ بهترين عوامي نمائنده آهن سکر جي عوام انهن سان بي انرها محبت ڪري ٿو انجو ثبوت اليڪشن مان لڳائي سگهجي ٿو ان موقعي تي انهن پيپلز پارٽي سکر چونڊيل عوامي نمائدن کي هڪ ڀيرو ٻيهر دل جي گهراين سان اليڪشن 2024 جي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چونڊيل عوامي نمائدن کي مبارڪ آباد پيش ڪيون ٿا اميد ڪيون ٿا سکر شهر جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندا

بقايا سنڌيار 12

صدر محفل ۽ خاص مهمان تقريرون ڪندي چيو ته مخدوم عثمان قريشي رح جي تعليمات مٿان عمل ڪندي سندس ڇڏيل سبق کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي - هن بزرگ منشيات خلاف جيڪو جهاد ڪيو ۽ سندس ڪرامات سان منشيات هن تر مان ختم ٿي ويئي - هنن چيو ته سندس شخصيت ۽ عملي جدوجهد تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي - سندس پانديرا منشيات خلاف اڄ به جهاد ۾ مصروف آهن - هن تاريخي طور تي صوفيت جي واڌاري ۽ مذهبي علمن کي ترقي ڏيارڻ خاطر جيڪا تعليمات ڦهلائي ان جو ڏيئو اڄاڻ روشن آهي - مخدوم عثمان رح جي ڏسيل پاهہ تي هلي پنهنجي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي - اڄ جي نوجوانن کي سندس شخصيت کان روشناس ڪرائڻ گهرجي - ان موقع تي ارشاد پيرزادي فقير نور محمد پيرزادي رويف بنگلاڻي عذر علي علوي بخت الله بخت سومري امتياز ميمڻ امداد نصراڻي اورنگ زيب مهر ديدار سومري وفا منظور چوهاڻ امداد گهنجي جبار عبد شريف شاد سومري محراب علي ٿيبي ڊاڪٽر اسماعيل ماڪي فدا حسين فدا نصير احمد لطيف جتي شيخ ارشاد غلام علي ميمڻ ۽ ٻين مقالا پڙهيا نعت حمد ۽ پنهنجي طرحي شاعري پيش ڪيي - آخر ۾ دعا بعد خيرات ڪيي ويي.

بقايا سنڌيار 13

خان لوڌي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سکر پريس ڪلب جي نائب صدر شهزاد تاباڻي، سحرش ڪوڪر، جوائنٽ سيڪريٽري جميل مغل، پريس سيڪريٽري ڪامران شيخ، آفيس سيڪريٽري علي ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جڏهن ته سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار، جنرل سيڪريٽري اختر شاهہ جي خصوصي شرڪت ڪئي. جڏهن ته پريس ڪلب جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن جلال الدين پيو، صلاح الدين قريشي، فرقان ڪوسو، سجاد شاهہ، ملڪ عمران شاهد، اياز مغل ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سکر پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر چوڌري محمد ارشاد گوندل جي صحتيابي لاءِ دعا گهري وئي، جيڪو اڄڪلهہ سخت بيمار ۽ بستري تي آهي. ان موقعي تي سينيئر صحافي وسيم شمسي جي ڀيڻ، ڪاشف قلبوتو سميت ٻين صحافين جي ويجهن مائٽن ۽ دوستن سان تعزيت ڪري مغفرت جي دعا ڪئي وئي. ان موقعي تي ايجنڊا موجب گذريل باڊي جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي وئي. افتتاحي خطاب ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير خان لوڌي، لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ پينل جي شاندار ڪاميابي تي شڪريو ادا ڪيو جرنلسٽس پينل ۽ سنڌ جرنلسٽس ڪنوينشن جي ڪاميابي تي صحافين PFUJ کي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف يونين جي 178 ڏينهن واري جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو. آصف ظهير لوڌي چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکڻ جي ڀرپور حمايت ڪئي وئي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي. سکر پريس ڪلب جي صدر چيو ته ميمبر صحافين جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ هر ممڪن وسيلا ڪتب آندا ويندا ۽ پريس ڪلب کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وينديون ته جيئن ميمبرن کي تفريح ۽ پيشہ ورانہ صلاحيتن جي ترقي ۽ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهجي. اجلاس ۾ پريس ڪلب جي ميمبرن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ مستقبل جي ڪمن جي ترجيحن تي تجويزون ۽ صلاح مشورا ڪيا ويا. سوشل ميڊيا اسٽوڊيو شروع ڪرڻ. پريس ڪلب جي سمورن سرگرمين کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا ذريعي موثر انداز ۾ پيش ڪيو ويندو. سکر پريس ڪلب جي ميمبرن کي ميمبرشپ ڪارڊ جاري ڪرڻ. چانهہ جي ڪينٽين. پريس ڪلب جي عمارت تائين لفٽ. جرنلسٽس ڪالوني ۽ ٻين منصوبن جو به جائزو ورتو ويو. جڏهن ته صحافين سان زيادتين، موٽرسائيڪلن جي ڦر جي واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي انهن جي واپسي جو مطالبو پڻ ڪيو ويو ۽ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته پريس ڪلب جي اڳوڻي عهديدارن کي تاريخي حيثيت ڏيندي ڊيٽا گڏ ڪئي ويندي. ورڪشاپ کان علاوه ميمبرن جي پيشہ ورانہ صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ورڪشاپ ڪرايا ويندا. اجلاس ۾ مختلف ڏينهن تي پروگرام منعقد ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو. رمضان المبارڪ ۾ افطار ڊنر، عيد ملن پارٽي ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 14

علائقي شاهہ جهان پارڪ کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا پريس ڪلب دادو اڳيان پهتي ان موقعي تي تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي دادو جي اڳواڻ ۽ قومي ٽڪ اين اي 228 جي اميدوار حافظ راشد حسين رضو امر تحريڪ لبيڪ پاڪستان تعلقہ دادو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ ٿيندڙ جنرل اليڪشن ۾ مها ڌانڌلي ٿي آهي جنهن کي اسان رد ٿا ڪريون اسان جي ڪتيل اميدوارن کي رات جي پيٽ ۾ مبينا ڌانڌلي ڪري هارايو ويو آهي هن وقت اسان کي مرڪز جي فيصلي جو انتظار آهي جيڪو حڪم مليو ان بعد پنهنجو لاحہ عمل جوڙينداسين ان موقعي تي تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو جا ٻيا اڳواڻ سعد انور شيخ سعيد احمد شيخ آصف ڪوڪر زبير ڪوڪر موجود هئا

بقايا سنڌيار 15

لياقت جروار استاد غلام محمد جروار سائين عبدالحميد جروار مامون رمضان جروار جوسڳوٽ ڪامريڊ آصف جروار جو مامون ٿئون ڊيرو لڳ ڳوٺ خانواهہ جروار جو رهواسي غوثيہ جماعت ملتان شريف جو فقير ادو علي محمد جروار 89 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز ڳوٺ المصطفي عيد گاهہ ڳوٺ خانواهہ جروار ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ غوثيہ جماعت جي مريدن عقيدت مندن سياسي سماجي مذهبي ادبي ڳوٺاڻن مٿان مائٽن هر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ شرڪت ڪئي بعد ۾ سندس جي مڙهہ کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن تڏي تي پهچي خليفو ڏاڏو مظهر الدين منگي ٿئون ڊيرو پريس ڪلب جو خزانچي فقير شاد محمود پتوڳڙهي خدا بخش پنهو ٽالپر جو وڏو منشي مقصود علي پتوب پ پ يوسي پير بخش پنهو جو صدر طالب حسين جروارهادي بخش جروار قدير حسين پنهوسائين عبيد الله عبدالوهاب جروار امتياز علي پنهوسائين منظور جروار ۽ ٻين سوين ماڻهن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي تڏو ڳوٺي خدا بخش پنهو پرسان ڳوٺ خانواهہ جروار ۾ رکيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 16

درگاهہ بگوشر تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. پروگرام ۾ سندس مريدن توڙي عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، مکيہ تقريب درگاهہ بگوشر بادشا جي سجاده نشن ميان عابد حسين انڊڙ سهروردي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن کي عالم سگهورن خطاب ڪندي ميان خاوند بخش جي زندگي تي روشني وڌي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ مريدن ۽ عقيدت مندن شرڪت ڪئي پروگرام جو آغاز تلاوت قرآن خواني سان ڪيو هڪ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي جنهن جي صدارت درگاهہ پير بگو شير بادشاهہ جي موجوده سجاده نشين ميان عابد حسين انڊڙ سهروردي جن ڪئي۔ ۽ تقريب کي خصوصي خطاب ميان صفدر حسن انڊڙ سهروردي، مولانا عبدالعزيز مهر سڪندري، مولوي نواب سڪندري، حافظ عبد الجبار انڊڙ حافظ امان الله انڊڙ جن تقريرون ڪيون سنڌ جي مشهور نعت خوان حاجي خان محمد چاچڙ عظيم نظمي ۽ سائين حمد مولود منقبتون پڙهيون ۽ ٻين مرحوم ميان خاوند بخش انڊڙ فقير جي زندگي تي روشني وڌي ۽ سندس ڪرامتون بيان ڪيون محفل ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوان حاجي خان محمدچاچڙ ۽ سائين حمد مولود نعتون منقبتون پيش ڪيون . آخر ۾ سوين مريدن ۽ عقيدتمندن سميت درگاهہ پير بگو شير بادشاهہ جي گادي نشين ميان عابد حسين انڊڙ جي اڳواڻي ۾ ميان خاوند بخش انڊڙ فقير جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهڻ واري رسم ادا ڪيي ٻئي پاسي درگاهہ بگوشير تي قائم مدرسہ جامعہ غوثيہ مستقيم مان حفظ مڪمل ڪري فارغ التحصل شاگرد دستاربندي جي سعادت حاصل ڪئي جنهن ڪانپوءِ درگاهہ جي سجاد نشين ميان عابدحسين انڊڙ سهروردي جن آيل سموري جماعت ۾ لنگر عام تقسيم ڪيو جڏهن ته سياسي سماجي شخصيتن آفتاب احمد خان انڊڙ ، ميان عبدالرحمان انڊڙ سهروردي،ميان ضياء الدين انڊڙ، پريس ڪلب سلطانپور جي صدر حافظ خدابخش انڊڙ ،محمود علي مهر، ميان علي گوهر انڊڙ،قربان علي مهر اسد انڊڙ سميت ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 17

جي لهر. صحافين پاران 181 ڏينهن تي احتجاج جاري. قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي عام چونڊن سبب ٽي ڏينهن احتجاج ملتوي ڪرڻ بعد سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نہ ڪرڻ خلاف چنجر ڏينهن ٻيهر احتجاجي تحريڪ جاري رکندي ايس يو جي نائب صدر خالد ٻانيڻ جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو احتجاج ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي،شهزاد تاباڻي، سحرش ڪوڪر، جلال الدين پيو، ڪامران شيخ، جهانزيب وسير، يار محمد سومرو، صلاح الدين قريشي، محمد رضوان صديقي، قاضي ضياء الرحمان ، فضل الرحمان قريشي، اشفاق ڪوسو، ديدار انڙ، ارشاد وِنڊڻ، بابر کهوکهر، اصغر علي عباسي ،نادر سنجراڻي، عقيل قريشي، . عبدالله مهر ،اسلم دايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 6 مهينن جو وڏو عرصو گذري ويو نگران حڪومت پنهنجا واعدا وفا نه ڪيا اتڪري انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته قاتلن جي قانون جي پڪڙ ۾ نه آندو ويو آهي جڏهن ته سکر پوليس دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت جي حڪم کي به نظرانداز ڪندي پئي اڄي هنن چيو ته صحافي سراپاِاحتجاج آهن جيستائين قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي

بقايا سنڌيار 18

زخمي مبينا تي ٻيا زخمين کي خداآباد پوليس ڊي ايچ ڪيو اسپتال پهچايو. زخمين ميڊيا اڳيان ڏانهيون ته مبينا جوابدارن حسين بخش لنڊ، غفار اختيار، رمضان، صدام لنڊ ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي اسان جي زرعي زمين تي قبضو ڪري رهيا آهن هنن چيو ته جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي پر خداآباد پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ هٽ تي هٽ رکي خاموشي اختيار ڪري ڇڏي.

بقايا سنڌيار 19

پٺجي ويو. تفصيل موجب ميرپورماٿيلو مان ٽريڪٽر ڊرائيور ٽريڪٽر سميت مبينا طور اغوا ٿي ويو آهي. ان حوالي سان ٽريڪٽر ڊرائيور محمد يعقوب سميجو شوگر مل ۾ ڪمند پهچائي واپس اچي رهيو هو ته ميرپور ماٿيلو شهر جي بائي پاس تي ڌوهارين کين ترالي ميرپورماٿيلو ۾ سرڪاري نرسري وٽ بيهاري، ٽريڪٽر سميت ڊرائيور محمد يعقوب سميجو کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن. اطلاع تي ڊرائيور جي گهر ۾ روڄ راڙو پٺجي ويو آهي...

بقايا سنڌيار 20

حوالي ڪري ڇڏيو. ٺٽو پوليس موجب فوتي نوجوان نشي جو عادي هو لڳي ٿو ته نشي سبب فوت ٿيو آهي. ياد رهي ته ضلعي ٺٽي ۾ هيروئن، آئس نشي سميت گٽڪي، ڪچي شراب لري، چرس، هيروئن، آفيم، مين پڙي جي آزار وڌڻ ڪري نشي پيئڻ سبب نوجوانن جون زندگيون تباهہ ۽ برباد ٿي رهيون آهن. پر انتظامي منشيات توڙي گٽڪا فروشن خلاف ڪاب. ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري منشيات جا اڏا منشيات فروش ڪلي عام ڪولي نوجوانن نسل ۾ زهر ڦهلائي رهيا آهن. هتان جي رهواسين گهر ڪئي آهي ته فورن منشيات فروشن ۽ گٽڪا فروشن خلاف ڪاروائي ڪري منشيات جا اڏا بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 21

ڪائونسلر بلاول مهر، رئيس محمد ابراهيم سومرو، شيراز لاڙڪ ، مولا بخش شر، علي نواز سومرو ، رستم سومرو ايڊووڪيٽ ياسر سومرو، عزير احمد سومرو، ڊاڪٽر نثار احمد سومرو، عبدالستار سومرو، عتيق الله سومرو، توفيق احمد سومرو، غلام ياسين سمون، سلطان احمد سومرو، فهد سومرو، غلام سرور سمون، شاهنواز هڪڙو سميت مختلف برادرين جي دوستن ۽ شهرين پيپلز پارٽي سٽي شڪارپور صدر عقيل عباس سومرو ۽ سندس فرزند عزادار عباس سومرو کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي پ پ سٽي شڪارپور صدر عقيل عباس سومرو ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي سڄي ملڪ ۾ عوام جي طاقت سان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪاميابي عوام جي سوڀ آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي تاريخ رهي آهي ته هن پارٽي هميشہ عوام کي روزگار ڏنو آهي ۽ هر ڏکي سکي وقت ۾ عوام سان نڀايو آهي، هاري، مزدور ۽ غريب عوام لاءِ جانين جا نظرانا ڏنا آهن. اڄ به بلاول ڀٽو زرداري غريب عوام لاءِ جاکوڙي رهبر آهي بلاول ڀٽو زرداري جو ڏنل 10 نڪاتي منشور غريب عوام جي روزگار، تعليم، صحت سميت ٻيا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ ترقي جي سلسلي کي جاري رکيو ويندو، ان موقعي تي عزادار عباس سومرو، شمشاد علي ميمڻ، محمد اسلم سومرو پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 22

شروع ٿي شاهي بازار کان ٿيندي باءِ پاس تي اختتام ٿي ريلي ۾ پيپلز پارٽي ورڪرن پيپلز پارٽي جي ڪلامن تي خوب رقص ڪيو ۽ نعرا هنيا ان موقعي تي پيپلز پارٽي تعلقہ ڪنڊيارو جي نائب صدر منظور عباسي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سڄي سنڌ ۾ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي آهي ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پيپلز پارٽي عوام جي دلين ۾ سمايل آهي پيپلز پارٽي جي ڪاميابي تي مخالفن جون وايون بتال ٿي ويون آهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت سان گڏ ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو

بقايا سنڌيار 23

ٿيڻ سميت هڪ کي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري ڪوما واري حالت ۾ حيدرآباد اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. زخمين ۾ بجو ولد ع دالواحد گندرو، طلاءُ ولد ابراهيم گندرو، عبدالوحيد ولد عبدالغني گندرو، عبدالواحد ولد بجو گندرو، محمد يونس ولد عبدالواحد گندرو، ذڪريا ولد محمد اسماعيل گندرو، عبدالغفار ولد محمد سليمان گندرو ۽ ٻيا شامل آهن. زخمين کي سول اسپتال مڪلي ۽ جهرڪ منتقل ڪرڻ بعد پڻ زخمين طلاءُ گندرو ۽ بجو گندرو کي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جنهن مان بجو گندرو جي هڪ اک ضايع ٿيڻ سميت طلاءُ گندرو کي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري ڪوما ۾ هليو ويو آهي، جنهن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي. هوڏانهن زخمي ڌر پاران ڪينجهر ٿاڻي تي حملي آورن خلاف اين سي داخل ڪرائي ويئي آهي، پر اڃان تائين ڪينجهر پوليس ڪاب گرفتاري عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. ٻئي طرف زخمي توڙي زخمين جي وارثن ڏانهيندي چيو ته ساڻن وڏي ناانصافي ٿي آهي. هنن چيو ته 3 ڏينهن اڳ 8 فيبروري اليڪشن واري ڏينهن صبح سويل سندن برادري جي ماڻهن مٿان حملو ڪري سندن 7 ماڻهن کي سخت زخمي ڪري وڌو آهي. جيڪي علاج هيٺ آهن. پر پوليس حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هيڪي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي رڌيڪ نقصان ڪرائڻ چاهين ٿا. جن جهيڙي دوران هڪ سوزوڪي جو اڳيون وڏو شيشو توڙي گاڏي کي ٻوڙ نقصان پهچايو آهي. هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ساڻن انصاف ڪري سندن نوجوانن کي زخمي ڪندڙ حملي آورن کي گرفتار ڪري زخمي ماڻهن جو بهتر علاج ڪرائي سندن حياتيون بچائي ڪين تحفظ مهيا ڪرڻ سان گڏ ڪين وڌيڪ نقصان کان بچائي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 24

وارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي رات جو اسان جي گهر ۾ داخل ٿي ڏگهوچوري ڪرڻ لاءِ آيا ته گهر ڀاتين سجاڳي ورتي ۽ هٿيارن جي زور تي ڏگهو ڪاهي ويا. اسان پنهنجو چوري ٿيل ڏگهو واپس ڪرائڻ لاءِ وياسين ته پيٽرو اسان سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ هٿيار ڪڍي اسانجي گهرن مٿان فائرنگ ڪري هليا ويا، متاثر چيو ته تنويرهٿيار پنهنجو پاڻ کي ڌڪ هڻي زخمي ڪري اسان مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ ۾ رڌل آهي ۽ اڳ ۾ به اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري چڪو آهي . متاثر وڌيڪ چيو ته اسان هنن جي ظلمن کان تنگ ٿي اهڙي درخواست ايس ايس سجاول کي پڻ ڏني آهي. متاثر آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس سجاول ۽ ٻين وسوارن کي اپيل ڪئي آهي ته اسان غريب مسڪين آهيون اسان سان انصاف ڪيو وڃي اسان جو چوري ٿيل ڏگهو واپس ڪرائي هنن جي خلاف ترت قانوني قدم کڻي انڪوائري ڪري اسان کي ڪوڙن ڪيسن کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

ضلعي گهوٽڪي ۾ اين اي جا پيپلز پارٽي جا اميدوار منهنجي مخالفت ڪري رهيا هئا. پارٽي انهن خلاف ڪارروائي ڪندي. منهنجي فتح يقيني هئي، پر مخالفن بوگس ووٽن سان مون کي هارايو ويو. يارو لنڊ پولنگ اسٽيشن تي سرعام ڌانڌلي ٿي جنهن ۾ مون کي پولنگ اندر وڃڻ کان روڪيو ويو. هڪ ايس ايچ سرعام بوگس ووٽ بلٽ باڪس ۾ وجهندو رهيو. عبدالباري خان پتافي، تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو جي پي ايس 19 جي پ پ اميدوار عبدالباري خان پتافي پنهنجي رهائشگاهہ تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڊي آر او ۽ ايس ايس گهوٽڪي مون کي شڪست ڏني آهي. اپوزيشن بوگس ووٽ ڪاسٽ ڪيا پر ڊي آر او کي درخواست ڏني پر پ پ اميدوار باري خان پتافي کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. ضلعي گهوٽڪي ۾ اين اي جا پيپلز پارٽي جا اميدوار منهنجي مخالفت ڪري رهيا هئا. پارٽي انهن خلاف ڪارروائي ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي فتح يقيني هئي، پر مخالفن بوگس ووٽن سان مون کي هارايو ويو. هن وڌيڪ چيو ته آزاد اميدوار آمريڪي نيشنلٽي تي آزاد اميدوار نادر اڪمل لغاري اليڪشن ۾ حصو ورتو. ڊي آر او ۽ ضلعي انتظاميہ مخالفن خلاف ڪاروائي ڪرڻ بدران منهنجي خلاف ڪارروائي ڪئي. ۽ ڪينجهر پتافي پولنگ اسٽيشن تي ويهي رهيا، يارو لنڊ پولنگ اسٽيشن تي سرعام ڌانڌلي ٿي جنهن ۾ مون کي پولنگ اندر وڃڻ کان روڪيو ويو. هڪ ايس ايچ سرعام بوگس ووٽ بلٽ باڪس ۾ وجهندو رهيو. هن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي آفيس ۾ جيڪي بلٽ باڪس توڙي بلٽ پيپر برآمد ٿيا آهن. اهي پي ايس 18 توڙي پي ايس 19 جا آهن. هن وڌيڪ چيو ته پي ايس 19 جي ڪجھ پولنگس جا رزلٽ اڃان به رهن ٿا. پر انتظاميہ مخالفن سان ملي ڀڳت ڪري مون کي هارايو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميہ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ويندا سين جتي بوگس ووٽن ۽ ٻيهر ڳڻپ سميت ووٽن جي بائيو ميٽرڪ لاءِ درخواست جمع ڪرائيندا سون. هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون به پولنگ اسٽيشن آهن. جتي رجسٽرڊ ووٽ 900 آهن. ته ووٽ 1400 ڪاسٽ ڪيئن ٿيا. ان مان صاف ظاهر آهي ته مخالفن هٿ ٺوڪيا ٺپا هڻي پنهنجو پاڻ کي ڪٽايو آهي. هن وڌيڪ چيو ته 2018ع ۾ مون 42 هزار ووٽ کنيا. ان وقت ان ٽڪ جو ايم اين اي مون سان گڏ هو. هاڻي هو منهنجي خلاف هو. تڏهن به مون کي 44 هزار کان وڌيڪ ووٽ مليا. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جا ڪندي آهي ڪجهہ ڏينهن ۾ سڀ معلوم ٿي ويندو ۽ ڪٽيندڙن کي به شڪست جو احساس ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن مون سان انصاف نہ ٿيو تہ روڊن تي ايندا سون.

بقايا سنڌيار 26

منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ هو ته واقعو پراڻو تڪرار تان پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 27

سپريم ڪورٽ، اليڪشن ڪميشن ۽ عالمي ادارن کان جانچ ڪرائڻ جو مطالبو. تفصيل موجب دڙو ۾ سڄي ملڪ جيان تحريڪ لبيڪ سجاول ضلعي جي امير ۽ قومي ٽڪ اين اين 224 تي هارايل اميدوار بابو غلام سرور ڪٽي ۽ ميرپوربٺورو سجاول جي صوبائي ٽڪ پي ايس 73 تي هارايل اميدوار حافظ ڏٺي ڏنو جاکرو، حافظ اعجاز سومرو، اختر ڪچي، حافظ هدايت سومرو ۽ ٻين ٿيل اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين ۽ من پسند نتيجا جاري ڪرڻ خلاف لبيڪ آفيس سوزوڪي اسٽاپ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته سڄي ملڪ سميت سنڌ ۾ هڪ گهري سازش تحت تحريڪ لبيڪ جي اميدوارن کي هٽ وٺي هارائي من پسند اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو ويو هنن چيو ته سجاول سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ فارم 45 تحت تحريڪ لبيڪ جا ڪيترائي اميدوار ڪامياب ٿيا. پر بعد ۾ رياستي مشينري انهن نتيجن کي تبديل ڪري فارم 47 ۾ من پسند اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو هنن ٿيل عام چونڊن کي رد ڪندي چيف جسٽس سپريم ڪورٽ، اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ چونڊن تي نظر رکندڙ عالمي ادارن کان مطالبو ڪيو ته اليڪشن ۾ ٿيل ڌانڌلين جو فوري نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

بيان ۾ سيد زين شاهہ چيو ته چونڊن واري ڏينهن موبائيل فون سروس بند ڪري وڏي ڌانڌلي ڪئي وئي، ڊي آر او ۽ پريزائيڊنگ آفيسرن جي سهڪار سان قومي ۽ صوبائي ٽڪن ۾ ڌانڌلي ڪئي وئي. هن چيو ته اسان ڌانڌلي وارين چونڊ نتيجن کي رد ڪيون ٿا. هن فراڊ واري اليڪشن خلاف سخت احتجاج ڪنداسين ۽ ٽربيونل ۾ به وينداسين.

بقايا سنڌيار 29

پوليس جي خاطرين بعد ڌرڻو ختم. خيرموجب سرحد پرسان قومي شاهراهہ تي نئوڪوٽ پرسان ڏاڙيلن پاران پنجاب ۽ سنڌ طرف ايندڙ ۽ ويندڙ گاڏين کي فائرنگ ڪري روڪي ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته موقعي تي سرحد پوليس جي پهچڻ تي ڏاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايچ او سرحد محمد علي مهر 3 ٽرڪ ۽ ٽرالر ڊرائيور عبدالغفار، زاهدحسين بلوچ، عبدالشڪور گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا واقعي بعد ڏاڙيل ڪچي طرف فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع ملڻ ۽ ايس ايچ او سرحد محمد علي مهر جي زخمي ٿيڻ بعد مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري واقعي واري هنڌ پهتي جتان پوليس ڏاڙيلن پٺيان ڪچي طرف رواني ٿي وئي. گاڏين مٿان فائرنگ ۽ ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش واري واقعي خلاف ڊرائيورن پاران نئوڪوٽ اسٽاپ پرسان قومي شاهراهہ جي ٻنهي پاسن کان گاڏيون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو ويو جنهن سبب ملڪ جي مختلف علائقن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي، ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته پهريان ڏاڙيل راڄ صرف ڪچي تائين محدود هو مگر هاڻي ڏاڙيل قومي شاهراهن تائين به پهچي ويا آهن پوليس توڙي انتظاميا مسافرن جي تحفظ ۾ پڻ ناڪام وئي آهي هنن چيو ته ڏاڙيلن گوليون هڻي اسانجي ڪيترين ئي گاڏين کي نقصان پهچايو آهي ۽ اسانجي ٽن ڊرائيورن عبدالغفار، زاهدحسين، ۽ عبدالشڪور کي پڻ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن جي مذاحمت تي ڪين گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو آهي هنن ٿيل نقصان جي ازالي جو پڻ مطالبو ڪيو. مظاهرين جي ڌرڻي دوران ايس ايچ او سرحد محمد علي مهر زخمي حالت ۾ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون. پوليس جي خاطرين بعد مظاهرين پاران ڌرڻون ختم ڪيو ويو. هوڏانهن ذريعن موجب نانگ واهہ واري ڪچي ۾ پوليس ۽ ڏاڙيلن ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو پڻ جاري آهي.

بقايا سنڌيار 30

تحريڪ لبيڪ جي ڪارڪنن پي ايس 66 جي اميدوار پير محمد علي جان سرهندي ، محمد امين نواز قادري ، ظفر سمون ، نياز احمد آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو . احتجاج دوران اڳواڻن چيو ته جنرل اليڪشن جي چونڊ مرحلي دوران ڌانڌلين جا رڪارڊ ٽوڙي عوامي مينڊيٽ جي چوري ڪئي وئي آهي . جنهن ۾ اليڪشن جي مقرر ڪيل ڪامورن ڌانڌلين ٿيڻ جو ڪو به نوٽيس نه ورتو نه وري جعلي ووٽن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي . پولنگ اسٽيشنن تي ڌانڌلي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پولنگ جو عملو مقرر وقت تي پولنگ شروع ڪرائڻ ۾ دلچسپي نه ورتي ، ڪيترن ئي پولنگ اسٽيشنن تي ٻن ڪان ڇهن ڪلاڪن بعد اليڪشن جو سامان پهچايو ويو جتي به پ پ کي پنهنجي مخالفت نظر اچي رهي هئي ان پولنگ کي دير سان شروع ڪرائڻ ۾ ڪسر نه ڇڏي وئي ، ان جي باوجود شهري علائقي مان پيپلز پارٽي جي شڪست ۽ ٻهراڙي مان وڏي اڪثريت سان ووٽ ملڻ به اڃان تائين عجب معاملو بڻيل آهي . عوام ۾ تمام گهڻي نفرت ڇانيل آهي جنهن ۾ 15 سالن جي اڳوڻي حڪومت جي ڪارڪردگي جي ڪري عوام تمام گهڻو ناراض بڻيل آهي جنهن جي ڪري ووٽن جو تناسب صرف 15 کان 20 فيصد ٿيو آهي پر ان کي سرڪاري مشينري ذريعي 48 سيڪڙو ظاهر ڪري چونڊ مرحلي کي شفاف ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي . چونڊ مرحلي ۾ سرعام ڌانڌلي ٿي آهي جنهن جي ڪري ٽنڊو محمد خان جي اين اي 221 . پي ايس 66 . پي ايس 67 تي ظاهر ڪيل نتيجا رد ڪري فوري طور عوامي مينڊيٽ چوري ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ٻيهر اليڪشن ڪرائي وڃي . ٻي صورت ۾ تحريڪ لبيڪ طرفان احتجاج جو جمهوري حق استعمال ڪري سراپا احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 31

پ پ اميدوار سيد حسن علي شاهہ جي ڪاميابيءَ تي يوسي مولهڻ جي عوام ۽ پ پ ڪارڪنن پاران هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي يوسي چيئرمين مولهڻ بابو نعمت الله وسطڙو ، وائيس چيئرمين روشن علي سولنگي ، پ پ يوسي مولهڻ جي نائب صدر علي شير سولنگي ، محبوب ڪلهوڙو ، سفير احمد وسطڙو ۽ ٻين ڪئي ريلي مولهڻ شهر کان نڪتي جيڪا مجر شهر جو گشت ڪندي باءِ پاس نوشهروفيروز ڪان پوءِ سيد هائوس پريا پهتي جتي سوين ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن ۽ جيالن پ پ جي ڪامياب اميدوار سيد حسن علي شاهہ ، سندس والد اڳوڻي ايم پي اي سيد مراد علي شاهہ ، سيد ظهيرعلي شاهہ کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني وئي ۽ مٺائيون ورهايون ويون ان موقعي تي پ پ جي ڪامياب اميدوار سيد حسن علي شاهہ ٽڪ جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو ته وڏي ليڊ ڏئي عوام ثابت ڪيو آهي ته اهي اسان سان گڏ آهن انشاء الله ٽڪ جي عوام جي اميدن تي پورو لهي ڪري سندن ٻنا ڪنهن فرق جي خدمت ڪندس ۽ پوئتي پيل علائقن ۾ ڊولپمينٽ جي ذريعي ترقي آڻي تعليم ۽ صحت سان گڏ بنيادي سهولتون ڏياري پنهنجو ڪيل وعدو پورو ڪندس

بقايا سنڌيار 32

ڪي اين اي 200 جي پ پ اميدوار نعمان اسلام شيخ جي اڪثريت سان ڪامياب ٿيڻ تي سکر هاوس ۽ روهڙي ۾ پهچي سيد ناصرحسين شاهہ اسلام دين شيخ نعمان اسلام شيخ ارسلان اسلام شيخ ڊاڪٽر ارشد مغل ۽ ٻين کي هار پارائي مبارڪ باد ڏني جڏهن ته اڳوڻي پ پ سينيٽر اسلام شيخ کيس ڀرپور چونڊ مهم هلائڻ تي شاباسي ڏني سيد زاهد شاهہ بخاري چيو ته هر پولنگ اسٽيشنن تان عورتن جي ووٽن سان پ پ اميدوارن کي ليڊ سان ڪٽرايو سکر ضلعي جا سمورا اميدوار مخالفن کي ليڊ سان هارايو 10 پارٽيون گڏجي به پاڪستان پيپلز پارٽي اميدوارن هٿان بدترين شڪست کاڌي سکر پ پ جو قلعو آهي اهو 8 فيبروري تي سکر جي عوام ثابت ڪري ڏيکاريو پ پ جي سمورن اميدوارن سيد خورشيد احمد شاهہ سيد فرخ خورشيد احمد شاهہ نعمان اسلام شيخ سيد ناصر حسين شاهہ، سيد اويس قادر شاهہ، چام اڪرام الله ڏاريجو کي ڀرپور نموني سان ووٽ ڏنو

بقايا سنڌيار 33

شهري سخت پريشان دڪانن مان چوري معمول بڻجي ويو گهر به محفوظ ناهن رهيا گهارو جا شهري جاڳي راتيون گذارڻ تي مجبور جڏهن ته گهارو شهر ۾ منشيات پڻ عام وڪرو جئيان وڪرو ٿي رهي آهي جنهن سبب منشيات جي حاصلات لاءِ موالين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جنهن ڪري موالي روز دڪانن ۽ گهرن مان چوريون ڪيو ٿا وڃن جيڪڏهن ڪوچور جهلي پوليس حوالي ڪيو ٿو وڃي ته پوليس هيروئني آهي آئيس جو موالي آهي ڪورٽ به انهن جو ڪيس نٿي وٺي جا بهانا ڪري چورن جو تحفظ ڪرڻ لڳي جڏهن ته چرات پبلڪ اسڪول جي ڪينٽين مان چوري ڪئي وئي ساڳي رات ارباب جتڙ جي دڪان مان چوري ٿي 7 تاريخ تي عبدالواحد بلوچ جي دڪان مان چوري ڪئي وئي ۽ رات دير سان منار جويو جي دڪان مان چوري ڪرڻ لاءِ شٽر توڙيو ويو جڏهن ته گهرن مان عاشق علي جي گهران موبائيل فون ۽ پئسا پڻ چوري ڪيا ويا جنهن جي رپورٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي پر گهارو پوليس ڪک پچي ٻيٺو نه ڪيو گهارو ۾ پوليس جي رٽ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي گهارو شهر منشيات فروشن ۽ چورن موالين حوالي ٿي ويو ان موقعي تي گهارو جي سول سوسائٽي جي اڳواڻن ۽ ساجانهاتوندن گهري افسوس جو اظهار ڪندي آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته گهارو شهر ۾ ٿيندڙ ڌوهي وارداتن جو نوٽيس وٺي گهارو شهر ۾ پوليس جي رٽ قائم ڪئي وڃي ۽ منشيات فروشن ۽ چورن جي پنيرائي ڪندڙ اهلڪارن خلاف محڪماتي ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ گهارو جي شهرين ۽ واپارين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 34

اليڪشن نہ پر هڪ سليڪشن هئي جنهن ۾ ڪو قانون نظر نہ آيو صرف ۽ صرف عوام جو وقت ۽ پئسا خرچ ڪرايا ويا آهن هي اليڪشن نہ بلڪ غريب مسڪين پورهيت مزدور عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي اسان انهي اليڪشن رد ڪريون ٿا ۽ مطالبو ٿا ڪريون تہ اليڪشن ۾ اسان جي ڪتيل سيٽن کي هارائيندڙن جو نوٽيس ورتو وڃي هن چيو ته اسان وٽ فارم 45 موجود آهن پر ان جي باوجود اسان جي اميدوارن کي هارايو ويو آهي اسان غريب عوام جي ووٽن تي ڌاڙو هڻندڙ اهڙن حڪمرانن کي حلف کڻڻ ۽ انهن ڪرسين تي ويهڻ نہ ڏينداسين هن جي ڊي اي سميت سمورين سياسي پارٽين کي پڻ مطالبو ڪيو ڏاچون تہ اسان گڏجي انهي هنيل ڌاڙي خلاف ڪو اثرائتو قدم کڻو جنهن سان عوامي حڪمراني جڙي سگهي.

بقايا سنڌيار 35

خان لوڌي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سکر پريس ڪلب جي نائب صدر شهزاد تاباڻي، سحرش ڪوڪر، جوائنٽ سيڪريٽري جميل مغل، پريس سيڪريٽري ڪامران شيخ، آفيس سيڪريٽري علي ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جڏهن ته سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار، جنرل سيڪريٽري اختر شاهہ جي خصوصي شرڪت ڪئي. جڏهن ته پريس ڪلب جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن جلال الدين پيو، صلاح الدين قريشي، فرقان ڪوسو، سجاد شاهہ، ملڪ عمران شاهد، اياز مغل ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سکر پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر چوڌري محمد ارشاد گوندل جي صحتيابي لاءِ دعا گهري وئي، جيڪو اڄڪلهہ سخت بيمار ۽ بستري تي آهي. ان موقعي تي سينيئر صحافي وسيم شمسي جي ڀيڻ، ڪاشف قلبوتو سميت ٻين صحافين جي ويجهن مائٽن ۽ دوستن سان تعزيت ڪري مغفرت جي دعا ڪئي وئي. ان موقعي تي ايجنڊا موجب گذريل باڊي جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي وئي. افتتاحي خطاب ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير خان لوڌي، لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ پينل جي شاندار ڪاميابي تي شڪريو ادا ڪيو جرنلسٽس پينل ۽ سنڌ جرنلسٽس ڪنوينشن جي ڪاميابي تي صحافين PFUJ کي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف يونين جي 178 ڏينهن واري جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو. آصف ظهير لوڌي چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکڻ جي ڀرپور حمايت ڪئي وئي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي. سکر پريس ڪلب جي صدر چيو ته ميمبر صحافين جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ هر ممڪن وسيلا ڪتب آندا ويندا ۽ پريس ڪلب کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وينديون ته جيئن ميمبرن کي تفريح ۽ پيشہ ورانہ صلاحيتن جي ترقي ۽ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهجي. اجلاس ۾ پريس ڪلب جي ميمبرن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ مستقبل جي ڪمن جي ترجيحن تي تجويزون ۽ صلاح مشورا ڪيا ويا. سوشل ميڊيا اسٽوڊيو شروع ڪرڻ. پريس ڪلب جي سمورن سرگرمين کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا ذريعي موثر انداز ۾ پيش ڪيو ويندو. سکر پريس ڪلب جي ميمبرن کي ميمبرشپ ڪارڊ جاري ڪرڻ. چانهہ جي ڪينٽين. پريس ڪلب جي عمارت تائين لفٽ. جرنلسٽس ڪالوني ۽ ٻين منصوبن جو به جائزو ورتو ويو. جڏهن ته صحافين سان زيادتين، موٽرسائيڪلن جي ڦر جي واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي انهن جي واپسي جو مطالبو پڻ ڪيو ويو ۽ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته پريس ڪلب جي اڳوڻي عهديدارن کي تاريخي حيثيت ڏيندي ڊيٽا گڏ ڪئي ويندي. ورڪشاپ کان علاوه ميمبرن جي پيشہ ورانہ صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ورڪشاپ ڪرايا ويندا. اجلاس ۾ مختلف ڏينهن تي پروگرام منعقد ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو. رمضان المبارڪ ۾ افطار ڊنر، عيد ملن پارٽي ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 36

هي جنرل اليڪشن 8 فيبروري 2024 تي ڪرائي وئي اها سنڌ ۽ ملڪ جي تاريخ جي بدترين اليڪشن آهي ان اليڪشن کي مڪمل طور تي جي ڊي اي رد ڪري ٿي. ڌانڌلي ذريعي مون سميت سمورن جي ڊي اي جي اميدوارن کي اليڪشن ۾ هارايو ويو آهي پي ايس 82 دادو جي 171 پولنگ اسٽيشن ووٽن جي نئين سر ڳڻپ ڪرائڻ ۽ بيلٽ پيپر چڪاس ڪرڻ جي درخواست آر او وٽ جمع ڪرائي رهيا آهيون. هنن چيو ته ملڪ ۾ اڳ به جنرل اليڪشن ٿيون آهن پر 8 فيبروري 2024 واري جنرل اليڪشن جنهن جو تاريخ ۾ ڪو به مثال نه ٿو ملي ۽ هر رات وائي آهي ته ڌانڌلي ڪئي وئي آهي اسان پنهنجي اصلي نتيجن جي رزلٽ جيڪا فارم 45 تان حاصل ٿيندي آهي اها به اسان کي اڃان تائين نه ملي سگهي آهي جي ڊي اي جي مرڪزي قيادت جيڪو فيصلو ڪندي اسان ان سان گڏ آهيون. اگر اليڪشن نه سليڪشن ڪرڻي هئي ته پوءِ هي ڊرامو چو رچايو ويو آهي. آءِ دادو پي ايس تي پنهنجي مخالف اميدوار کي چيلينج ٿو ڪيان ته پولنگ وائيز مون سان اليڪشن وڙهي ۽ ڪٽي ويو ته آءِ سياست ڇڏيندس باقي هي سليڪشن آهي دادو جي عوام پيپلزپارٽي کي رد ڪري ڇڏيو آهي اسان هنن خلاف هر محاذ تي جنگ ڪنداسين. دادو ضلعي ۾ جي ڊي اي طرفان بيٺل اميدوارن ۾ اڳوڻو وڏو وزير سنڌ لياقت علي خان جتوئي، اڳوڻو ضلعي ناظم ڪريم علي جتوئي. امداد خان لغاري ۽ آءِ عاشق علي زئور اميدوار هئاسين ۽ ڌانڌلي جوسڀ شڪار ٿيا آهيون اسان جي پولنگ ايجنٽن کي ڪافي هنڌن تان ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ پولنگ اسٽاف جيڪو هڪ ڌر جو مقرر ڪيو ويو هو جن اسان جي ايجنٽن جي پهچڻ کان اڳ ئي پنهنجو چونڊ عمل شروع ڪرائي بدترين ڌانڌلي ڪرائي آهي. ٻيهر صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن پ پ پ اميدوارن کي شڪست نصيب ٿيندي ڇاڪاڻ ته عوام پ پ پ جي اميدوارن کان بيزاري ظاهر ڪري چڪو هو جيڪڏهن نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن کي اهڙي چونڊ ڪرائڻي هئي ته بهتر هو اليڪشن جي بجاءِ سليڪشن ڪري حڪومت جوڙي ڇڏين ها.ملڪ ۾ اجايو ٻڙڌوڪ ڪرايو ويو آهي جنهن ڪري سڄي ملڪ ۾ ڌانڌلين جي خلاف عوام روڊن تي نڪري آيو آهي ۽ اڄ جي ڊي اي اهڙي عملي احتجاج جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. اسان آيل نتيجا قبول نه ٿا ڪيون ۽ اسان چيف اليڪشن ڪمشنر آف پاڪستان ۽ نگران حڪومت کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته عدليہ جي نگراني ۾ ٻيهر چونڊون ڪرايون وڃن.ميهڙ ۾ چونڊ عمل دوران هڪ نوجوان کي گوليون هڻي ماريو ويو جڏهن ته اسان جي اميدوار تي پي ايس 80 ڪي اين شاهه ۾ فائرنگ ڪئي وئي. هن سڄي عمل ۾ دادو ايس ايس پي ۽ ڊي آر او ۽ آر او ڌر بڻيل رهيا آهن. پي پي دادو ضلعي جو هر شهر هارايو آهي ته پوءِ هي ڪيئن ڪٽي ويا آهن رات جو اسان ڪٽيو آهي صبح جو نتيجا تبديل ڪري هاريل کي ڪٽرايو ويو آهي،سرڪاري عملو هنن جو غلام بڻجي ڌانڌلي ۾ ملوث آهي.دادو ضلعي ۾ رڪارڊ ڪرپشن ٿي آهي. ٻوڏ متاثرن جا پيسا هاڻ ووٽ وٺڻ لاءِ وڏيرن کي ڏنا ويا جن ووٽ خريد ڪيا آهن. پوري سنڌ اندر رڪارڊ ڌانڌلي ٿي آهي جنهن جي شاهد انٽرنيشنل ميڊيا ۽ عملي ادارا آهن جن پڻ هن اليڪشن تي آواز بلند ڪيو آهي.ان موقعي تي جي ڊي اي جا ڪارڪن وڏي انگ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 37

ٿيڻ سميت هڪ کي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري ڪوما واري حالت ۾ حيدرآباد اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. زخمين ۾ بجو ولد ع دالواحد گندرو، طلاءُ ولد ابراهيم گندرو، عبدالوحيد ولد عبدالغني گندرو، عبدالواحد ولد بجو گندرو، محمد يونس ولد عبدالواحد گندرو، ذڪريا ولد محمد اسماعيل گندرو، عبدالغفار ولد محمد سليمان گندرو ۽ ٻيا شامل آهن. زخمين کي سول اسپتال مڪلي9ءِ جهرڪ منتقل ڪرڻ بعد پڻ زخمين طلاءُ گندرو ۽ بجو گندرو کي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جنهن مان بجو گندرو جي هڪ اک ضايع ٿيڻ سميت طلاءُ گندرو کي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري ڪوما ۾ هليو ويو آهي، جنهن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي. هوڏانهن زخمي ڌر پاران ڪينجهر ٿاڻي تي حملي آورن خلاف اين سي داخل ڪرائي ويئي آهي، پر اڃان تائين ڪينجهر پوليس ڪاب گرفتاري عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. ٻئي طرف زخمي توڙي زخمين جي وارثن ڏانهيندي چيو ته ساڻن وڏي ناانصافي ٿي آهي. هنن چيو ته 3 ڏينهن اڳ 8 فيبروري اليڪشن واري ڏينهن صبح سويل سندن برادري جي ماڻهن مٿان حملو ڪري سندن 7 ماڻهن کي سخت زخمي ڪري وڌو آهي. جيڪي علاج هيٺ آهن. پر پوليس حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هيڪي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي رڌيڪ نقصان ڪرائڻ چاهين ٿا. جن جهيڙي دوران هڪ سوزوڪي جو اڳيون وڏو شيشو توڙي گاڏي کي ٻوڙ نقصان پهچايو آهي. هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ساڻن انصاف ڪري سندن نوجوانن کي زخمي ڪندڙ حملي آورن کي گرفتار ڪري زخمي ماڻهن جو بهتر علاج ڪرائي سندن حياتيون بچائي ڪين تحفظ مهيا ڪرڻ سان گڏ ڪين وڌيڪ نقصان کان بچائي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 38

ٿيڻ سميت هڪ کي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري ڪوما واري حالت ۾ حيدرآباد اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. زخمين ۾ بجو ولد ع دالواحد گندرو، طلاءُ ولد ابراهيم گندرو، عبدالوحيد ولد عبدالغني گندرو، عبدالواحد ولد بجو گندرو، محمد يونس ولد عبدالواحد گندرو، ذڪريا ولد محمد اسماعيل گندرو، عبدالغفار ولد محمد سليمان گندرو ۽ ٻيا شامل آهن. زخمين کي سول اسپتال مڪلي ۽ جهرڪ منتقل ڪرڻ بعد پڻ زخمين طلاءُ گندرو ۽ بجو گندرو کي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جنهن مان بجو گندرو جي هڪ اک ضايع ٿيڻ سميت طلاءُ گندرو کي دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري ڪوما ۾ هليو ويو آهي، جنهن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي. هوڏانهن زخمي ڌر پاران ڪينجهر ٿاڻي تي حملي آورن خلاف اين سي داخل ڪرائي ويئي آهي، پر اڃان تائين ڪينجهر پوليس ڪاب گرفتاري عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. ٻئي طرف زخمي توڙي زخمين جي وارثن ڏانهيندي چيو ته ساڻن وڏي ناانصافي ٿي آهي. هنن چيو ته 3 ڏينهن اڳ 8 فيبروري اليڪشن واري ڏينهن صبح سويل سندن برادري جي ماڻهن مٿان حملو ڪري سندن 7 ماڻهن کي سخت زخمي ڪري وڌو آهي. جيڪي علاج هيٺ آهن. پر پوليس حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هيڪي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي رڌيڪ نقصان ڪرائڻ چاهين ٿا. جن جهيڙي دوران هڪ سوزوڪي جو اڳيون وڏو شيشو توڙي گاڏي کي ٻوڙ نقصان پهچايو آهي. هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ساڻن انصاف ڪري سندن نوجوانن کي زخمي ڪندڙ حملي آورن کي گرفتار ڪري زخمي ماڻهن جو بهتر علاج ڪرائي سندن حياتيون بچائي ڪين تحفظ مهيا ڪرڻ سان گڏ ڪين وڌيڪ نقصان کان بچائي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 39

ڪائونسلر بلاول مهر، رئيس محمد ابراهيم سومرو، شيراز لاڙڪ ، مولا بخش شر، علي نواز سومرو ، رستم سومرو ايڊووڪيٽ ياسر سومرو، عزير احمد سومرو، ڊاڪٽر نثار احمد سومرو، عبدالستار سومرو، عتيق الله سومرو، توفيق احمد سومرو، غلام ياسين سمون، سلطان احمد سومرو، فهد سومرو، غلام سرور سمون، شاهنواز هڪڙو سميت مختلف برادرين جي دوستن ۽ شهرين پيپلز پارٽي سٽي شڪارپور صدر عقيل عباس سومرو ۽ سندس فرزند عزادار عباس سومرو کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي پ پ سٽي شڪارپور صدر عقيل عباس سومرو ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي سڄي ملڪ ۾ عوام جي طاقت سان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪاميابي عوام جي سوڀ آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي تاريخ رهي آهي ته هن پارٽي هميشہ عوام کي روزگار ڏنو آهي ۽ هر ڏکي سکي وقت ۾ عوام سان نڀايو آهي، هاري، مزدور ۽ غريب عوام لاءِ جانين جا نظرانا ڏنا آهن. اڄ به بلاول ڀٽو زرداري غريب عوام لاءِ جاکوڙي رهبر آهي بلاول ڀٽو زرداري جو ڏنل 10 نڪاتي منشور غريب عوام جي روزگار، تعليم، صحت سميت ٻيا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ ترقي جي سلسلي کي جاري رکيو ويندو، ان موقعي تي عزادار عباس سومرو، شمشاد علي ميمڻ، محمد اسلم سومرو پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 40

تحريڪ لبيڪ جي ڪارڪنن پي ايس 66 جي اميدوار پير محمد علي جان سرهندي ، محمد امين نواز قادري ، ظفر سمون ، نياز احمد آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو . احتجاج دوران اڳواڻن چيو ته جنرل اليڪشن جي چونڊ مرحلي دوران ڌانڌلين جا رڪارڊ ٽوڙي عوامي مينڊيٽ جي چوري ڪئي وئي آهي . جنهن ۾ اليڪشن جي مقرر ڪيل ڪامورن ڌانڌلين ٿيڻ جو ڪو به نوٽيس نه ورتو نه وري جعلي ووٽن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي . پولنگ اسٽيشنن تي ڌانڌلي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پولنگ جو عملو مقرر وقت تي پولنگ شروع ڪرائڻ ۾ دلچسپي نه ورتي ، ڪيترن ئي پولنگ اسٽيشنن تي ٻن ڪان ڇهن ڪلاڪن بعد اليڪشن جو سامان پهچايو ويو جتي به پ پ کي پنهنجي مخالفت نظر اچي رهي هئي ان پولنگ کي دير سان شروع ڪرائڻ ۾ ڪسر نه ڇڏي وئي ، ان جي باوجود شهري علائقي مان پيپلز پارٽي جي شڪست ۽ ٻهراڙي مان وڏي اڪثريت سان ووٽ ملڻ به اڃان تائين عجب معاملو بڻيل آهي . عوام ۾ تمام گهڻي نفرت ڇانيل آهي جنهن ۾ 15 سالن جي اڳوڻي حڪومت جي ڪارڪردگي جي ڪري عوام تمام گهڻو ناراض بڻيل آهي جنهن جي ڪري ووٽن جو تناسب صرف 15 کان 20 فيصد ٿيو آهي پر ان کي سرڪاري مشينري ذريعي 48 سيڪڙو ظاهر ڪري چونڊ مرحلي کي شفاف ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي . چونڊ مرحلي ۾ سرعام ڌانڌلي ٿي آهي جنهن جي ڪري ٽنڊو محمد خان جي اين اي 221 . پي ايس 66 . پي ايس 67 تي ظاهر ڪيل نتيجا رد ڪري فوري طور عوامي مينڊيٽ چوري ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ٻيهر اليڪشن ڪرائي وڃي . ٻي صورت ۾ تحريڪ لبيڪ طرفان احتجاج جو جمهوري حق استعمال ڪري سراپا احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 41

درگاهہ بگوشر تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. پروگرام ۾ سندس مريدن توڙي عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، مکيہ تقريب درگاهہ بگوشر بادشا جي سجاده نشن ميان عابد حسين انڊڙ سهروردي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن کي عالم سگهورن خطاب ڪندي ميان خاوند بخش جي زندگي تي روشني وڌي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ مريدن ۽ عقيدت مندن شرڪت ڪئي پروگرام جو آغاز تلاوت قرآن خواني سان ڪيو هڪ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي جنهن جي صدارت درگاهہ پير بگو شير بادشاهہ جي موجوده سجاده نشين ميان عابد حسين انڊڙ سهروردي جن ڪئي۔ ۽ تقريب کي خصوصي خطاب ميان صفدر حسن انڊڙ سهروردي، مولانا عبدالعزيز مهر سڪندري، مولوي نواب سڪندري، حافظ عبد الجبار انڊڙ حافظ امان الله انڊڙ جن تقريرون ڪيون سنڌ جي مشهور نعت خوان حاجي خان محمد چاچڙ عظيم نظمي ۽ سائين حمد مولود منقبتون پڙهيون ۽ ٻين مرحوم ميان خاوند بخش انڊڙ فقير جي زندگي تي روشني وڌي ۽ سندس ڪرامتون بيان ڪيون محفل ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوان حاجي خان محمدچاچڙ ۽ سائين حمد مولود نعتون منقبتون پيش ڪيون . آخر ۾ سوين مريدن ۽ عقيدتمندن سميت درگاهہ پير بگو شير بادشاهہ جي گادي نشين ميان عابد حسين انڊڙ جي اڳواڻي ۾ ميان خاوند بخش انڊڙ فقير جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهڻ واري رسم ادا ڪيي ٻئي پاسي درگاهہ بگوشير تي قائم مدرسہ جامعہ غوثيہ مستقيم مان حفظ مڪمل ڪري فارغ التحصل شاگرد دستاربندي جي سعادت حاصل ڪئي جنهن ڪانپوءِ درگاهہ جي سجاد نشين ميان عابدحسين انڊڙ سهروردي جن آيل سموري جماعت ۾ لنگر عام تقسيم ڪيو جڏهن ته سياسي سماجي شخصيتن آفتاب احمد خان انڊڙ ، ميان عبدالرحمان انڊڙ سهروردي،ميان ضياء الدين انڊڙ، پريس ڪلب سلطانپور جي صدر حافظ خدابخش انڊڙ ،محمود علي مهر، ميان علي گوهر انڊڙ،قربان علي مهر اسد انڊڙ سميت ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 42

ايندڙ ۽ ويندڙ گاڏين کي فائرنگ ڪري روڪي ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته موقعي تي سرحد پوليس جي پهچڻ تي ڏاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايچ او سرحد محمد علي مهر 3 ٽرڪ ۽ ٽرالر ڊرائيور عبدالغفار، زاهدحسين بلوچ، عبدالشڪور گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا واقعي بعد ڏاڙيل ڪچي طرف فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع ملڻ ۽ ايس ايچ او سرحد محمد علي مهر جي زخمي ٿيڻ بعد مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري واقعي واري هنڌ پهتي جتان پوليس ڏاڙيلن پٺيان ڪچي طرف رواني ٿي وئي. گاڏين مٿان فائرنگ ۽ ڊرائيورن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش واري واقعي خلاف ڊرائيورن پاران نئوڪوٽ اسٽاپ پرسان قومي شاهراهہ جي ٻنهي پاسن کان گاڏيون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو ويو جنهن سبب ملڪ جي مختلف علائقن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي، ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته پهريان ڏاڙيل راڄ صرف ڪچي تائين محدود هو مگر هاڻي ڏاڙيل قومي شاهراهن تائين به پهچي ويا آهن پوليس توڙي انتظاميا مسافرن جي تحفظ ۾ پڻ ناڪام وئي آهي هنن چيو ته ڏاڙيلن گوليون هڻي اسانجي ڪيترين ئي گاڏين کي نقصان پهچايو آهي ۽ اسانجي ٽن ڊرائيورن عبدالغفار، زاهدحسين، ۽ عبدالشڪور کي پڻ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن جي مذاحمت تي ڪين گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو آهي هنن ٿيل نقصان جي ازالي جو پڻ مطالبو ڪيو. مظاهرين جي ڌرڻي دوران ايس ايچ او سرحد محمد علي مهر زخمي حالت ۾ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون. پوليس جي خاطرين بعد مظاهرين پاران ڌرڻون ختم ڪيو ويو. هوڏانهن ذريعن موجب نانگ واهہ واري ڪچي ۾ پوليس ۽ ڏاڙيلن ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو پڻ جاري آهي.

تاريخ: 17.01.2024

نيشنل انڊسٽريل ريليشنز
ڪميشن اسلام آباد

اپيل نمبر A(16)/2022_P 12 عنوان: PIAC بمقابلہ عمران ملڪ.

جي طرف:

نوٽيس

1. عمران ملڪ ولد ملڪ بخشش هائوس نمبر 12. خوشحال باغ ڪالوني خوشحال باغ ورسڪ روڊ، پشاور.
2. عمران ملڪ هائوس نمبر 9. يعقوب ڪمپائونڊ گلبرگ نمبر 1. پشاور ڪينٽ.

نوٽ ڪيو ته متي ڄاڻايل اپيل 19.02.2024 تي 09:00 وڳي تي NIRC هيڊ ڪوارٽر سيڪٽر G_5/2، اسلام آباد ۾ ٻڌڻ لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي تنهن ڪري توهان کي هن ڪميشن جي معزز فل بينچ اڳيان متي ڄاڻايل تاريخ، وقت ۽ جڳهہ تي اپيل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڪميشن جي حڪم سان
ڊپٽي رجسٽرار

PID (K) No.2237/23